روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو

3

# معلومات تائين رسائي ۽ بهتر انتظام ڪاري

مظهر لغاري

سي پي سي ايس
سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
B-98 قاسم نگر- قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401
cpcs.sindh@hotmail.com



# معلومات تائين رسائي ۽ بهتر انتظام ڪاري

مظهر لغاري

CPCS

# سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | معلومات تائين رسائي ۽ بهتر انتظام ڪاري |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | مظهر لغاري |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | اپريل 2007 ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | ٽيهه روپيا |



All Rights Reserved



| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Access to Information and Good Governance |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-3 |
| **Authored by**: | Mazhar Laghari |
| **Year**: | April 2007 |
| **Published by**: | CPCS |

**سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانديي ڇپائي پڌرو ڪيو.**




"طرزِ حڪومت" يا "طرزِ حڪمراني" – جيئن ان جي نالي مان ئي ظاهر آهي- حڪومت هلائڻ جي طريقي، انتظام ڪاريءَ ۽ اسٽائيل کي چئجي ٿو. جيتوڻيڪ ان جا مثال ڪي ٿورڙا هوندا، پر اهو بلڪل ممڪن آهي ته ڪٿي حڪومت هلائڻ جي طريقه ڪار ۽ انداز بهتر هجڻ ڪري ڪو "نڪمو" قرار ڏنل نظام به ڪي چڱا نتيجا ڏيئي رهيو هجي. ساڳيءَ ريت اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪٿي حڪومتي نظام ته بهتر هجي پر حڪمرانيءَ جي خاص طريقه ڪار سبب اهو ڪي به فائدا نه ڏيئي رهيو هجي. پاڪستان جي تاريخ، گهڻي ڀاڱي خراب طرزِ حڪمراني ۽ مجموعي ريت بي فيض بڻيل سياسي نظام جي ضرب ۽ ونڊ جي پاڇيءَ کان سواءِ بيو ڪجهه به ناهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ ان ضرورت تي اخلاقي زور ڏئي ٿي ته حڪمراني بهتر طرزِ حڪومت ۽ عوام ڏانهن ذميوار سياسي نظام جو مرڪب هجڻ گهرجي. انهن ٻنهيءَ عنصرن مان رڳو ڪنهن هڪ جو موجود هجڻ يا ڪنهن هڪ تي انحصار ڪري ٻئي کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ، 60 سال جي عرصي گذري وڃڻ ڪري مجرماڻي غفلت جي مترادف آهي. موجوده صورتحال ٻنهي عنصرن جي غير موجودگيءَ جو سڀ کان بدترين مثال آهي.

ڏٺو وڃي ته "حڪمراني" ۽ "طرزِ حڪومت" جا اصطلاح ڪجھ عرصي کان سياسي ۽ سماجي ڪارڪن، تجزئي ڪار ۽ پاليسي ساز ادارا پنهنجي نشر ۽ اشاعت ۾ استعمال ڪندا پيا اچن. سندن خبرن چارن ۾ "سٺي طرزِ حڪومت" جون برڪتون ۽ فائدا تفصيل سان ٻڌڻ ۾ ايندا رهيا آهن ۽ "خراب طرز حڪومت" کي مڙني مسئلن جي پاڙ سڏيو پيو ويندو آهي. پر "سياسي معيشت" جا طرف ڪيئن متعين ڪيا وڃن ٿا، ان جي خبر ان طريقه ڪار مان پوي ٿي جنهن وسيلي عالمي مالياتي ادارن "سٺي طرزِ حڪومت" جي تشريح ڪرڻ جي ذميداري اُسرندڙ دنيا جي سياسي ۽ سماجي تحريڪن کان کسي ورتي. هنن "سٺي طرزِ حڪومت" جو هڪ خاص Framework (خاڪو) تيار ڪري اُسرندڙ ملڪن جي حڪومتن کي ملندڙ امدادن ۽ قرضن کي اهڙن "سڌارن" سان مشروط ڪري ڇڏيو جيڪي سندن نقطئہ نگاهه کان "سٺي حڪمرانيءَ" ڏانهن وٺي ويندڙ هجن. پر عالمي مالياتي ادارن جڏهن "سٺي حڪمرانيءَ" کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجين تدبيرن ۽ ترڪيبن جي ذخيري منجهان Structural Adjustment ۽ Conditionalities جا نسخا ڪڍي اُسرندڙ ملڪن جي فرمانبردار حڪومتن

ڪي پيش ڪيا ۽ پاڻ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي ”سڌارن“ جي نالي ۾ انهن ملڪن جي معيشت کي نئين بينڪي راڄ جي رڻ ڏانهن وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي ته آفريقا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ راڙو مچي ويو. غريب ملڪن ۾ سياسي ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ فردن، ادارن ۽ تحريڪن ”سٺي حڪمرانيءَ“ جي ان فرمائش پٺيان موجود ارادن جو اصل چهرو ڏسي ورتو. عوام جي حقيقي سڄڻن ۽ خير خواه ادارن توڙي تحريڪن بنا دير جي ”سٺي حڪمرانيءَ“ جو متبادل تصور تشڪيل ڏيڻ شروع ڪيو ۽ جلد ئي هنن ”سٺي حڪمراني – عالمي واپار ۾ ترقيءَ لاءِ“ جي مقابلي ۾ ”سٺي حڪمراني- عوام دوست تبديليءَ لاءِ“ جو خاڪو پيش ڪيو. ايئن، نه رڳو حڪمرانيءَ جي تصور جي نئين سر جاچ لڌي وئي پر عوام دوست حڪمرانيءَ لاءِ اهڙيون خاصيتون به ڳولي لڌيون ويون جن جي موجودگي يا غير موجودگي ”سٺي حڪمرانيءَ“ جي هجڻ يا نه هجڻ جي ثابتي بڻجي سگهي. عالمي مالياتي ادارن جي ”سٺي حڪمرانيءَ“ جي تصور جي متبادل هن طرزِ حڪومت ۾ جمهوريت يا رعيتي راڄ کي سڀ کان پهريون شرط قرار ڏنو ويو، جيڪا ”سٺي“ يا ”خراب“ ۾ فرق واضح ڪرڻ جو پئمانو هئي.

## ”طرزِ حڪومت“ يا ”طرزِ حڪمراني“ ڇا کي چئجي ٿو؟:

اُسرندڙ دنيا جي غريب عوام جي سڄڻن جڏهن ”طرزِ حڪومت“ جي روايتي تشريح جو جائزو ورتو ته اُها هن ريت هئي:

> **”(طرز) حڪمرانيءَ جو مطلب آهي فيصلي سازيءَ جو عمل ۽ اُهو عمل جنهن وسيلي فيصلن تي عمل درآمد ٿئي ٿو.“**

هنن ان ۾ ڪجهه اضافو ڪيو ته اُها هيئن بيٺي:

> **”فيصلي سازيءَ جو عمل ۽ اُهو عمل جنهن وسيلي فيصلن تي عمل درآمد ٿئي ٿو يا نٿو ٿئي.“**

پاڪستان جهڙن اُسرندڙ ملڪن ۾ هن ”نٿو ٿئي“ جي وڏي اهميت آهي. هي ٻن لفظن جو اضافو انهن مڙني فيصلن جو احاطو ڪري ٿو جيڪي ڪيا ته ويا پر اُنهن تي عمل درآمد نه ڪيو ويو. ٿورو ويچار ڪرڻ سان پڙهندڙ اهڙن فيصلن جي هڪ ڊگهي لسٽ پاڻ تيار ڪري سگهن ٿا.

هن وصف کي ڏيان سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته ”طرزِ حڪمرانيءَ“ جو تصور ٻه اهم دائرا جوڙي ٿو جن مان پهريون دائرو ”فيصلي سازيءَ جي عمل“ جو آهي ۽ ٻيو آهي ”فيصلن تي عمل درآمد ڪرڻ واري عمل“ جو- ”طرزِ حڪمرانيءَ“ جي ترميمي وصف ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته، ”فيصلن تي عمل درآمد ڪرڻ“



واري دائري ۾ وڏو ڦيٽاڙو موجود آهي. اتي ڪن حالتن ۾ فيصلن تي عمل درآمد ڪرڻ جي خواهش رکندڙن کان عمل درآمد روڪرائڻ جي خواهش رکندڙ ڏاڍا ٿيو وڃن، تنهن ڪري جيڪي اڏو گابرا ۽ جهڙا تهڙا سُٺا فيصلا ٿين به ٿا سي پنهنجي موت پاڻ مري وڃن ٿا ۽ عوام جي زندگيءَ ۾ ڪا تبديلي آڻڻ فقط پاڳل جو خواب ٿي رهجي وڃي ٿو. دائري نمبر هڪ يعني ”فيصلي سازيءَ“ جي عمل“ واري دائري ۾ اصل ۾ سڀ کان وڏو جنگاهه جاري آهي، جيڪو پاڪستان جي 60 ورهين جي ڄمار دوران مستقل بنيادن تي موجود رهندڙ سڀ کان وڏو بحران آهي.

”طرزِ حڪمراني“ جو نئين سر تجزيو ڪندڙن ان ڳالهه ڏانهن به اشارو ڪيو ته ڇاڪاڻ ته حڪمراني فيصلي سازيءَ جي عمل ۽ انهن فيصلن تي عمل درآمد ڪرڻ وارن عملن جو مرڪب آهي، تنهن ڪري طرزِ حڪمرانيءَ جو جڏهن به تجزيو ڪرڻ ويهبو ته فيصلي سازيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ ۽ فيصلن تي پهچڻ ۾ مدد ڏيندڙ ڌرين جو به تجزيو ڪرڻو پوندو. هنن ڌرين مان ڪي سڌيءَ ريت ۽ ڪي اڻ سڌيءَ ريت، ڪي ظاهر ۽ ڪي پردي پويان رهي پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ساڳيءَ ريت فيصلن تي عمل درآمد جي ڏس ۾ پنهنجو پنهنجو ”ڪردار“ ادا ڪندڙ سڌيءَ ريت شامل رسمي ۽ اڻ سڌيءَ ريت اثرانداز ٿيندڙ غير رسمي ڌرين ۽ ڪردارن جو به تجزيو ٿيندو. جيڪي عمل درآمد ڪرڻ، عمل درآمد ڪرڻ ڏيڻ، عمل درآمد جي رفتار ۽ رخ متعين ڪرڻ يا عمل درآمد جا ترا ڪيڻ جي ڏنڌي سان لڳل هوندا آهن.

مٿئين بحث مان جيڪو سادو نتيجو نڪري ٿو سو اِهو آهي ته جنهن شيءِ جو نالو حڪومت آهي سا حڪمرانيءَ جي عمل جو فقط هڪڙو ڪردار هوندي آهي. هڪ اهڙو ڪردار جيڪو رسمي طور موجود هجڻ ڪري پهرين نگاهه ۾ ئي نظر اچي ٿو. سوال ٿو پيدا ٿئي ته حڪمرانيءَ جي عمل جا ٻيا ڪردار ڪهڙا آهن؟

ٻيا ”غير رسمي ڪردار“ جن جو ڪردار ڪڏهن ڪڏهن هن رسمي ڪردار تي اثرانداز ٿيندو يا حاوي پوندو رهي ٿو، تن ۾ اثر رسوخ جون مالڪ شخصيتون يا ڌريون (وڏيرا، سرمائيدار، جاگيردار، ريٽائرڊ ڪامورا، جج، جرنيل، ٽيڪنوڪريٽ، مذهبي ليڊر، اين جي اوز جا اڳواڻ، اخبارن جا مالڪ ايڊيٽر ۽ روحاني پيشوا وغيره)، ٽريڊ يونينون، مالياتي ۽ ڪاروباري ادارا، ڊونر، ملٽي نيشنل ڪمپنيون ۽ پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا شامل آهن. اڻ سڌيءَ ريت اقتدار ۾ ڀائيوار ڌريون جڏهن گڏيل مقصدن جي حاصلات لاءِ هڪ آواز ٿي ڪم ڪرڻ لڳن ته اهڙين ڌرين کي حڪمرانن جي Kitchen Cabinet سڏيو ويندو آهي، جيڪا ڪن

صورتن ۾ اصل ڪابينا کان وڌيڪ طاقتور هوندي آهي. سڀ کان طاقتور غير رسمي حڪمران ڌرين ۾ عالمي سپر طاقتون ۽ ملڪي فوج شامل آهن. پاڪستان جي صورتحال ۾ اُهي پنهنجي تاريخي ڪردار سبب سڌيءَ ريت اثرانداز ٿيندڙ رسمي ڌريون بڻجي ويون آهن.

ٻين اُسرندڙ ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به حڪمرانيءَ جي دائري جي غير رسمي پر مستقل ڪردارن ۾ منظم ڏوهاري گروهه ۽ مافيائون جهڙوڪ ليند مافيا، قبضه مافيا، ٽرانسپورٽ مافيا، واٽر ٽينڪر مافيا، نشي ۽ هٿيارن جي ڪاروبار جي مافيا، سياسي مقصدن جي حاصلات لاءِ دهشتگرديءَ جو سهارو وٺندڙ تنگ نظر ۽ متعصب مذهبي ۽ لساني گروهه شامل آهن.

فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ جي شروعات ڪندڙ هڪ ڌر "سول سوسائٽي" به آهي. سول سوسائٽي ٿلهي ليکي، انهن مڙني ڌرين جو مرڪب آهي، جيڪي رياست (بشمول فوج ۽ حڪومت) ۽ مارڪيٽ جي وهنوار واري دائري ۾ شامل ناهن.

سول سوسائٽيءَ جي تصور ۽ ترڪيب تي ٿيندڙ تازي ڪم مطابق "پاور" لاءِ سياست ڪندڙ سياسي جماعتون سول سوسائٽيءَ جي دائري کان ٻاهر آهن. هي سياسي جماعتون ڀلي اقتدار ۾ نه به ڪٽي هجن، پر حڪومتي مشينريءَ جو اهڙو پرزو هجن ٿيون جنهن کي پس و پيش ان جو حصو ئي بڻجڻو هجي ٿو. نئين تشريح مطابق ميڊيا سول سوسائٽيءَ جو نه پر مارڪيٽ جو حصو آهي، ڇو جو ميڊيا سول سوسائٽيءَ جي اهم خاصيت Not for Profit سان ٺهڪي نٿي اچي. البته صحافين جون تنظيمون ۽ پريس ڪلب سول سوسائٽيءَ ۾ شامل آهن.

سڀ کان دلچسپ پهلو اِهو آهي ته سول سوسائٽيءَ جو لاڳيتو واضح ٿيندو رهندڙ تصور سماج جي بنيادي يونٽ Family (ڪٽنب) کي به سول سوسائٽيءَ جي راڄ مان ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏي. ان لاءِ دليل اِهو آهي ته ڪٽنب جو گهٽي ياڳي اڳواٽ متعين ٿيل ڪردار "عورت دشمن" ۽ "ٻار دشمن" ئي هوندو آهي. جيئن ته بحيثيت اداري جي ڪٽنب جو بنياد آمراڻي پدرشاهي يا مرداڻي سوچ تي ٻيٺل هوندو آهي، ان ڪري ڪٽنب فرد جي استحصال جو سڀ کان وڏو ادارو آهي. آخري ڳالهه اِها ته گهڻين صورتن ۾ هن جي نوعيت رضاڪارانه يا Voluntary نه هوندي آهي، تنهن ڪري اُهو سِوِل سوسائٽيءَ جو حصو ٿي نٿو سگهي.

سول سوسائٽيءَ جي تصور جي تازي تشريح جيڪا به هجي، پاڪستان ۾ منظم سِوِل سوسائٽيءَ جي شروعات 1988ع ۾ جنرل ضياءُ جي فوجي راڄ جي



خاتمي سان ٿي. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ سول سوسائٽيءَ جي طاقت، لياقت ۽ سائيز ملڪي آباديءَ جي سائيز کي ڏسندي ناڪافي آهي، پر هڪ اُسرندڙ سِوِل سوسائٽيءَ طور ان پنهنجي وِت آهر جمهوري معاشري جي اڏاوت لاءِ عوامي طلب پيدا ڪرڻ جو ڪم چڱيءَ حد تائين ڪيو آهي. هڪ اهڙو جمهوري معاشرو جنهن جو محور عوام هجي.

## "سٺي طرزِ حڪمرانيءَ" جا ڪجهه ماپا ۽ معيار:

ٿلهي ليکي "سٺي طرزِ حڪمرانيءَ" جا 8 ماپا متعين ڪيا ويا آهن. "سٺي طرزِ حڪمراني" عوامي شراڪت سان جڙي ٿي، فقط اڪثريت جي راءِ بدران "اتفاق راءِ" کي اهميت ڏئي ٿي، عوام ڏانهن ذميوار هجي ٿي ۽ ان ۾ "عوامي پُڇاڻي" جا گس کليل هجن ٿا. ان جي سمورن فيصلن ۽ عملن جا آڳا توڙي پيڇا معلوم ڪري سگهجن ٿا جو اُها ڳجهه ڳوهه بدران شفافيت قائم رکي ٿي؛ عوام جو سڏ ۽ صدا ٻُڌي به ٿي ۽ بنا دير جي وراڻي ڏئي ٿي؛ اُها پنهنجي ڪم ۾ پڙ ۽ قابل هجي ٿي ۽ سندس سمورا ڪم نتيجو به ڏين ٿا ته اثر به ڏيکارين ٿا. هيٺن کي همت ڏيارڻ ۽ طاقت وٺائڻ لاءِ عملي ڪم ۽ خاص بندوبست ڪري ٿي؛ سڀنيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿي، يعني فيصلا ڪرڻ ۽ فائدا ڏيڻ وقت رڳو ڪنهن خاص ڌر يا گروهه کي نظر ۾ رکڻ بدران مڙنيءَ کي ملندڙ فائدن يا متوقع نقصانن يا تڪليفن کي ذهن ۾ رکي ٿي؛ سڀ کان وڏي ڳالهه ته نه رڳو قانون جو نفاذ ڪرائي ٿي پر پاڻ به قانون جي حڪمرانيءَ جي پوئيواري ڪري ٿي.

"سٺي طرزِ حڪمراني" ڪرپشن جي خاتمي لاءِ ڪوششون وٺي ٿي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ٿي ته فيصلا ڪرڻ واري عمل ۾ سوسائٽيءَ جي سڀ کان هيٺن ۽ لاچار طبقن جو آواز ترجيحي بنياد تي ٻُڌو وڃي. "سٺي طرزِ حڪمراني" ان ڳالهه جو بندوبست ڪري ٿي ته اُهي انسان جيڪي ٿورائي يا "اقليت" ۾ آهن، تن جي نقطه نظر کي فيصلا ڪندڙ ذهن ۾ رکن. "سٺي طرزِ حڪمراني" ڪنهن به سماج جي نه رڳو حال پر مستقبل ڏانهن به ذميوار هجي ٿي، تنهن ڪري ان جي فيصلن ۽ عملن ۾ ڪوتاهه نظريءَ بدران ڏُور انديشيءَ جو عمل دخل هجي ٿو.

**عوامي شراڪت**: عوامي شراڪت مان مراد عورتن ۽ مردن جي پنهنجي ليکي يا پنهنجي نمائندن وسيلي شراڪت آهي. انسانن جا اهڙا گروهه جن کي سڌيءَ ريت نمائندگي حاصل ناهي، سندن ترجماني ڪندڙ ادارن ۽ تحريڪن وسيلي شريڪ ٿي سگهن ٿا. عوامي شراڪت جو هي ماپو جمهوري طرزِ حڪمرانيءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ انقلابي آهي، "جمهوري طرزِ حڪمراني" يا Representative

Democracy عام طور هرو پرو سماج جي هيٺن ۽ لاچار طبقن جي مفادن وٽان فيصلا ڪرڻ تي زور نٿي ڏئي. ان جو گهٽو تٽو محور فقط اڪثريت جا مفاد هوندا آهن. شراڪت منظم نموني هجي ۽ جيڪي شريڪ هجن، سي معاملن کان مڪمل ريت باخبر هجن. عوامي شراڪت جو هي ماپو هڪ طرف شهرين جي ”گڏ ٿيڻ جي آزادي“ ۽ ”اظهار جي آزاديءَ“ جو سڌ ڏئي ٿو ته ٻئي طرف هڪ منظم سول سوسائٽيءَ جي قائم ٿيڻ ۾ مدد به ڏئي ٿو.

**هيٺن ڪي همتائڻ ۽ اڪثريتِ راءِ بدران اتفاقِ راءِ:** ڪنهن به سماج جي ڀلائيءَ جو دارومدار اِن ڳالهه ڪي يقيني بڻائڻ تي هوندو آهي ته ان جا مڙيئي فرد اطمينان سان اِهو محسوس ڪن ته سماج ۾ سندن حصو پتي آهي ۽ سندن سيڙپ آهي. چاهي هو ڪنهن خاص سماجي تفريق جو نشانو بڻيل هجن يا تعداد ۾ ٿورڙا هجن، ڪين اِهو محسوس نه ٿئي ته ڪين سماج جي مجموعي وهڪري کان ڌِڪي ڌار ڪيو پيو وڃي. اِها ڳالهه تقاضا ڪري ٿي ته انسانن جي سڀني گروهن خاص طور هيٺن ۽ لاچار انسانن ڪي موقعا ڏنا وڃن ته اُهي پنهنجي حالت ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪجهه ڪري سگهن.

**عوامي پڇاڻو:** عوامي پڇاڻو ”سٺي طرزِ حڪمرانيءَ“ جو هڪ اهم عنصر آهي. ”سٺي طرزِ حڪمراني“ چاهي حڪومتي ادارن ۾ هجي يا نجي شعبي ۽ سِوِل سوسائٽيءَ جي تنظيمن ۾، حڪمران، فرد ۽ ڏريون عوام ۽ پنهنجي اداراتي سيڙپڪارن پاران پُڇاڻي لائق هجڻ گهرجن. ڪا تنظيم يا ادارو نه رڳو پنهنجن سيڙپڪارن پاران يا قائم ڪندڙن پاران پڇاڻي جوڳو هجڻ گهرجي پر انهن پاران به جيڪي ان جي فيصلن يا عملن سان متاثر ٿي سگهن ٿا. اِها ڳالهه طئي آهي ته عوامي پڇاڻي جو نفاذ قانون جي حڪمراني ۽ ڪار گذاريءَ ۾ شفافيت قائم ڪرڻ بنا ناممڪن هوندو آهي.

**شفافيت:** شفافيت جو مطلب آهي، فيصلا توڙي انهن تي عمل درآمد قاعدن ۽ قانونن جو احترام ڪندي ڪيا وڃن. ان جو اهو به مطلب آهي ته معاملن جي باري ۾ معلومات بنا روڪ ٽوڪ جي موجود هجي ۽ ماڻهو ان ڪي سڌيءَ ريت حاصل ڪري سگهن. خاص طور تي اُهي ماڻهو جيڪي اهڙن فيصلن يا انهن تي عمل درآمد جي نتيجي ۾ متاثر ٿي سگهن ٿا. شفافيت جو اهو به مطلب آهي ته مڪمل يا مناسب معلومات مهيا ٿي رهي هجي ۽ اُها آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ شڪل، نوعيت ۽ ميڊيا (ٻولي ۽ فارم) ۾ هجي.



**عوامي صدائن جي وراڻي ڏيڻ:** هِن جو مطلب آهي ته حڪمران نه رڳو عوامي شڪايتن ڪي هروقت ٻُڌي رهيا هجن پر انهن جو ازالو به ڪري رهيا هجن. اُسرندڙ دنيا ۾ حڪومتون عوامي شڪايتن ڪي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪرڻ جي بيماريءَ ۾ وٺجنديون پيون وڃن، جيڪا آمريت جو پهريون ڏاڪو آهي.

**قابليت ۽ نتيجو ڏياريندڙ ڪارڪردگي:** ”سٺي طرزِ حڪمراني“ جو اهو به مطلب آهي ته حڪمرانن جي سموري ڪار گذاري ۽ سمورا ادارا سندن ذمي ڪيل وسيلن جو بهترين استعمال ڪندي اهڙا نتيجا پيدا ڪن، جيڪي سماج جي ضرورتن ڪي پورو ڪندڙ هجن. ”سٺي طرزِ حڪمراني“ جي پس منظر ۾ ”قابليت“ جي تصور ۾ اِها ڳالهه به شامل آهي ته ڪارڪردگي اهڙي هجي، جيڪا قدرتي وسيلن جي جٽادار استعمال ۽ ماحول جي تحفظ جي عالمي معيار جو به مڪمل ريت خيال ڪري. قدرتي وسيلن جي جٽادار استعمال ۽ ماحول جي تحفظ جي معيار جي اُبتڙ ڪم ڪنهن به ريت قابليت جي دائري ۾ شامل نٿا ٿي سگهن. پوءِ ڀلي ڪٽي انهن ڪي ڪنهن اڪثريت جي حمايت ئي ڇو نه حاصل هجي يا ڪنهن علائقي ۾ اُنهن ڪمن لاءِ وڏي ”جئه جئه ڪار“ ڇو نه ٿيندي هجي. نتيجا اُهي ۽ عوامي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻيندڙ عمل اُهي ڳائبا، جيڪي ماحول ۽ فطرت دوست حڪمت عملين جي پيداوار هوندا.

**اتفاق راءِ جي حاصلات:** هر سماج ۾ ڪيترائي نقطهٔ نظر موجود هوندا آهن ۽ ڪيتريون ئي ڌريون پنهنجي پنهنجي نقطهٔ نظر ڪي اڳتي وڌائي رهيون هونديون آهن. ”سٺي طرزِ حڪمراني“ سماج ۾ مختلف النوع مفادن جي ترجماني ڪندڙن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو عمل شروع ڪرائيندي آهي ته جيئن ڪنهن وسيع تر اتفاق راءِ تي پهچي سگهجي ته سماج جي بهترين مفاد وٽان ڪهڙي ڳالهه آهي ۽ ان تي عمل ڪهڙي ريت ڪيو وڃي. سماج جي بهترين مفاد وٽان جيڪا ڳالهه هجي سا لازمي آهي ته مستقبل جي ان دورانديش سوچ سان به مطابقت رکندي هجي ته جٽادار انساني ترقيءَ لاءِ ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن ۽ اهڙي ترقيءَ جي معراج يا ”منزل مراد“ آخر ڪيئن ماڻي سگهجي ٿي. اهڙي دورانديش سوچ ڪنهن سماج يا انسانن جي گروهه جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي پس منظر جي مڪمل ريت ڄاڻ ۽ سمجهه مان ئي ڦُٽي نڪري سگهي ٿي.

**قانون جي حڪمراني:** ”سٺي حڪمراني“ انصاف تي مبني اهڙن قانونن جي تقاضا ڪري ٿي، جن تي اڻ ڏريائيءَ سان عمل ڪيو ويندو هجي. اها انساني حقن ۽ خاص طور تي اقليتن جي حقن جي تحفظ جو ذمو کڻي ٿي. قانونن ڪي اڻ ڏرئي

نموني لاڳو ڪرائڻ لاءِ آزاد عدليه ۽ اڻ ڏري ڪرپشن- پروف پوليس جي ضرورت هجي ٿي. اهڙي پوليس جيڪا "فورس" نہ پر "سروس" هجي.

## "جمهوري طرزِ حڪمراني" ۽ "سُٺي طرزِ حڪمراني":

اُسرندڙ دنيا جي ايشيائي، آفريقي ۽ لاطيني آمريڪي ملڪن جي جڏهن ترقي يافتہ دنيا سان ڀيٽ ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ هنن مان گهڻي ڀاڱي ملڪن کي اقتصادي توڙي فوجي امدادن ۽ قرضن جي واڳ وجهي هلايو ويجي ٿو. هنن ملڪن جي سياست ۽ معيشت ۾ ڦيٽاڙي جي ڪري اُتي سماجي ترقيءَ جي رفتار تمام سست رهي آهي. سڀ کان وڏا خرچ فوجن تي ٿين ٿا ۽ ٻين سماجي شعبن جي تہ يادگيري ئي نٿي هجي. اڪثر ملڪن ۾ تعليم تي خرچ GDP جي 2.5 سيڪڙو جي ان حد کي بہ ڪونہ ٿو پهچي، جيڪا گڏيل قومن هڪ گهٽ ۾ گهٽ معيار طور رکي آهي. پاڪستان بہ اُنهن ملڪن ۾ شامل آهي. هنن اُسرندڙ ملڪن جي غريب آبادي فوجن ۽ نيوڪليئر هٿيارن جا خرچ پرڻ لاءِ گاهہ ڪائي رهي آهي. غريبي گهٽائڻ لاءِ جيڪي حڪمت عمليون جُڙن ٿيون، سي عالمي ماليات ادارن جي Trickle Down Economics جي پوئيواري ڪن ٿيون، جنهن جو بنياد ان مفروضي تي بيٺل آهي تہ اقتصادي ترقيءَ جي نتيجي ۾ پاڻمرادو اهڙو نظام جڙي پوندو جو پئسو امير کان غريب ڏانهن سفر ڪندو ۽ ائين غريبي گهٽجي ويندي. پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن اقتصادي ترقي (Growth) جو عروج ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي پر پئسي امير کان غريب ڏانهن بلڪل ئي لاڙو نہ ڪيو آهي. بلڪ ڏٺو ائين ويو آهي تہ جيتري وڏيڪ اقتصادي ترقي ٿي آهي، غريبيءَ ۾ اوترو ئي وڏيڪ اضافو ٿيڻ ڪري سماجي شعبو زوال پذير ٿيو آهي، مثال طور پاڪستان ۾ اقتصادي ترقيءَ جا بہ بنياد ڏسيا ويا آهن. هڪ پرائيويٽائيزيشن ۽ ٻيو سڌيءَ ريت ٿيندڙ پرڏيهي سيڙپڪاري (FDI). ٻئي غريب جي حالت نہ بدلائي سگهيون آهن. پرائيويٽائيز ڪرڻ لاءِ هاڻي ڪجهہ بچيو ڪونهي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جو ٽرينڊ مجرماڻو آهي. انگ اکر ڏسين ٿا تہ پاڪستان ۾ ايندڙ هڪ ڊالر عيوض پرڏيهي سيڙپڪار 14 ڊالر پاڪستان جي معيشت مان ڪڍي وڃن ٿا. غريبي هڪ ايڏو وڏو بار آهي جو پاڪستان جهڙا ملڪ سياسي ۽ سماجي ادارن جي اڏاوت ۾ تمام پوئتي رهجي ويا آهن. صورتحال جا نتيجا انهن جي سياسي ميدان تي صاف ڏسجن ٿا. جتي منڍي ماڪوڙيءَ جهڙيون سياسي جماعتون، فرمانبردار مخالف ڌُريون ۽ گدڙ جي ڏر جهڙيون پارليامينٽون موجود آهن. جيڪي فوجي بوٽ جي ڌڙهي سان جهُري پون ٿيون. جتي ڪائونسلر کان ميئر، ميئر کان



گورنر ۽ گورنر کان وٺي آرمي چيف ۽ ملڪي صدر تائين هڪ ئي لساني گروهہ جا ماڻهو چانئجي وڃن ٿا ۽ 15 سيڪڙو آبادي هجڻ باوجود ڪنهن پرڳڻي جي 85 سيڪڙو اقتدار اعليٰ تي قابض ٿي وڃن ٿا. جتي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ٿيندڙ جڏي جدوجهد جي رستي ۾ هڪ خاص برانڊ جو مذهبي نظام لاڳو ڪندڙ علماءَ برقعي پوش برگيڊ وٺي بيهي رهن ٿا. ڪو جيڪڏهن ڪنهن ٻليءَ سان پيار ڪري ٿو يا هٽلر ۽ اسٽالن سان، ڪانئس ڪو پڇڻ وارو ڪونهي تہ پنهنجي پيار کي پاڻ تائين ڇو نٿو رکين ۽ ڇو ٿو ان کي مصيبت جي ماريل ماڻهن مٿان مسلط ڪرين؟ اهڙو سماج آهي جنهن ۾ اسين رهون ٿا.

ان صورتحال ۾ "سٺي طرزِ حڪمراني" هڪ اهڙي خواب وانگر آهي، جنهن جو مڪمل ريت حقيقت بڻجڻ تمام ڏکيو آهي. تمام ٿورا ملڪ ۽ سماج اهڙا آهن جيڪي اهڙي طرزِ حڪمراني قائم ڪري سگهيا آهن. جيڪا "سٺي حڪمرانيءَ" جي 8 خاصيتن مان ٽن يا چئن تي پورو لهي ٿي، پر ان جو مطلب اهو بہ ڪونهي تہ "سٺي طرزِ حڪمراني" جي تمنا ئي نہ ڪجي. هن خواب کي حقيقت بڻائڻ لاءِ جدوجهد جو پهريون ڏاڪو جٽادار انساني ترقيءَ لاءِ ڪوشش وٺڻ آهي. غريبي گهٽائڻ جي هر ڪوشش جٽادار انساني ترقيءَ کي ممڪن بڻائڻ جي ڪوشش آهي. ان جي نتيجي ۾ ئي اُها منظم سول سوسائٽي وجود ۾ ايندي جيڪا موجوده طرزِ حڪمرانيءَ ۾ سُٺي طرزِ حڪمرانيءَ جون 8 خاصيتون پيدا ڪرڻ لاءِ عوامي تعليم ۽ شعور ڏيڻ جي شروعات ڪندي.

اُسرندڙ دنيا جا ملڪ نياڳ جي هڪ چڪر ۾ ڦاٿل آهن. جيڪو سياسي طريقہ ڪار سان ايندڙ حڪومتن ۽ آپيشاهيءَ جي نظام وچ ۾ جاري رهندڙ اک ٻوٽ جو چڪر آهي. ان چڪر ۾ چونڊيل حڪومتن ۽ آمريتن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ "طرزِ حڪمرانيءَ" ۾ تبديليون آنديون. خاص طور تي غير جمهوري حڪومتن وڌيڪ تجربا ڪيا، ڇو جو هڪ تہ هنن کي Legitimacy (اخلاقي جائز پٺي) جي ضرورت هئي ۽ ٻيو تہ اِنهن عالمي مالياتي ادارن ۾ موجود بيورو ڪريسيءَ کي اِها مَت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ، "سُٺي حڪمرانيءَ" جا سڀ نہ تہ سٺ يا سٽر سيڪڙو پهلو انتظامي نوعيت جا آهن، جن کي سٺي انتظام ڪاريءَ سان ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. هن قسم جي مَت ڪجهہ عرصي لاءِ "سٺي طرزِ حڪمراني" جي بحث کي جمهوري طرزِ حڪمرانيءَ کان ڌِڪي ائين ڌار ڪري ڇڏيو جڻ جمهوري نظام جي غير موجودگيءَ ۾ بہ "سٺي طرزِ حڪمراني" ڏيڻ ممڪن هو. اُسرندڙ ملڪن ۾ اڳيرو ٿيندڙ ملڪن جهڙوڪ انڊونيشيا، ٿائيلينڊ ۽

فلپائين وغيره جا مثال خاص طور تي بحث هيٺ آيا، جتي ”سٺي انتظام ڪاري“ بهرحال موجود هئي. پر اوڀر يورپ ۾ اسٽالنسٽ آمريتن جي زوال ۽ برلن واري ديوار ڊهڻ ڪانپوءِ ترقي يافته دنيا ۽ ان جي انتظامي ڪنٽرول ۾ هلندڙ عالمي مالياتي ادارن وٽ جمهوريت جي طلب ۾ وڏيڪ اضافو ٿيو. خاص طور تي انهن ملڪن ۾ جمهوريت لاءِ جتي عارضي طور سندن دفاعي مفاد جهَٽڪا ٿي ويا هئا. پاڪستان به خيرن سان انهن ئي ملڪن ۾ شامل هو پر ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ سان پاڪستان اندر صورتحال ۽ پاڪستان کان ٻاهر پاڪستان لاءِ پاليسين ۽ ترجيحن ۾ تمام وڏي تبديلي آئي. سڄي دنيا گذريل ستن ورهين ۾ جنگ جو ميدان بڻجي وئي، جنهن جا ٽانڊا هاڻي آهستي آهستي ٺڏا ٿي رهيا آهن.

## ”عوام لاءِ حڪومت“ کان ”عوام جي حڪومت“ تائين:

”جمهوريت“ عوام جي اهڙي حڪومت جو نالو آهي جنهن ۾ ”سُپريم پاور“ عوام هجي ۽ عوام اعليٰ ترين اختيار يا اقتدار اعليٰ کي سڌيءَ ريت پاڻ استعمال ڪري يا آزاد ۽ اڻ ڊُرين چونڊن وسيلي چونڊجي آيل پنهنجن نمائندن معرفت. ابراهام لنڪن جي ڏنل تشريح بنهه عام آهي: ”جمهوريت معنيٰ عوام جي، عوام پاران، عوام لاءِ حڪومت.“ اِها ستم ظريفي چئبي ته هر قسم ۽ هر برانڊ جي سياستدانن ان تشريح کي انڌاڌنڌ استعمال ڪيو آهي. هنن فوجي آمريتن، آپيشاهي نظامن ۽ اڻ چونڊيل حڪومتن کي هن تشريح جو پاڇو ڏنو. پنهنجي دؤرِ حڪومت ۾ اسٽالن، مائو، سوهارتو، چياؤششڪو، ايوب ۽ ضياءُ پنهنجين حڪومتن کي ”صحيح معنيٰ ۾ جمهوري حڪومت“ قرار ڏيندا رهيا. ارسطو ۽ ابراهام لنڪن کان معذرت پر هر قسم جي حڪومت پوءِ اُها شهنشاهيت هجي، آپيشاهي هجي، فوجي راڄ هجي، چونڊجڻ بعد آمريت ۾ تبديل ٿيندڙ جيالا شاهي هجي، ”پورهيت“ طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ هجي يا سڌيءَ ريت جرنيلن جو فوجي راڄ هجي — هر قسم جي حڪومت ”عوام لاءِ حڪومت“ ئي ته هجي ٿي.

جيتري قدر ”عوام جي حڪومت“ جو سوال آهي ته ان اصطلاح جو به اهڙو بي درديءَ سان استعمال ٿيو آهي جو اُهو آرائش يا سينگار لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪا چلڪندڙ ۽ جلويدار شيءِ بڻجي پيو آهي. تمام گهٽي استعمال هن اصطلاح جي متعين ۽ مقرر ڪيل معنيٰ تقريباً ميساري ڇڏي آهي. مثال طور چين ۾ پيپلز حڪومت يا ”عوام جي حڪومت“ قائم آهي پر ڇا ڪو ٻُڌائي سگهي ٿو ته عوام جي ان حڪومت جي ڪنهن به عمل ۾ عوام جو ڪو ”دخل



ممڪن آهي؟ عظيم برطانيا يا Great Britain کي جمهوريت جي جنم ڀومي سڏجي ٿو، جتي ”ماءُ پارليامينٽ“ موجود آهي. عظيم برطانيا بنا شڪ شبهي جي هڪ جمهوريت آهي، پر اُتان جي حڪومت راڻي صاحبه جي حڪومت آهي ۽ اُتان جا ماڻهو سندس ”وفادار رعايا“ آهن، شهري ناهن. جنرل مشرف هڪ عدد ريفرنڊم سان ئي ”عوام جي حڪومت“ جو اصطلاح ورجائڻ شروع ڪيو. جيڪو اڄان تائين هلي پيو. عوام جي هن حڪومت ۾ (سرڪاري انگن اکرن مطابق) ملڪ جي ڪُل آباديءَ جو 32.1 سيڪڙو غريبيءَ واري نشان کان به هيٺين درجي واري زندگي گذاري پيو ـ ۽ انتهائي غريبيءَ جي نشان واري هيءَ سرڪاري لڪير ڪيتري حقيقت پسنديءَ سان جوڙيل آهي، ان جو اندازو ان مان ٿئي ٿو ته ماهوار 748 روپيا (في ڪس) آمدنيءَ کان گهٽ ڪمائيندڙ ماڻهو سرڪاري طور ”غريب“ مڃيا وڃن ٿا. سرڪار مطابق گهٽ ۾ گهٽ غذائي ضرورتن جو ڪيلوريز ۾ ماپو 2350 ڪيلوريز آهي ۽ ماهوار 748 روپيا آمدني نه رڳو انهن ڪيلوريز پر ڪاڌ خوراڪ کان علاوه ضرورتن جي پورائي لاءِ به ڪافي آهي. ان بحث ۾ پوڻ بنا ته غريبيءَ کي ماپڻ جو اِهو ماڻ ڪيترو درست آهي ۽ ڇا ان مطابق معلوم ٿيندڙ غريبن جو ڪُل تعداد درست آهي يا نه، ڪجهه قنوطي ماڻهن جي اها راءِ آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت به اوتري ئي خالص ملندي جيتريون ٻيون شيون ملن ٿيون. هر ماڻهو آمدنيءَ جي لحاظ کان پنهنجي وِت آهر ئي جمهوريت وٺي سگهي ٿو. مهانگائي آهي ۽ جمهوريت جي وڏي قيمت پرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، تنهن ڪري عوام ان کان سواءِ ئي گذارو ڪري رهيو آهي.

هي فقط هڪ پوڳ نه پر 1988ع کان وٺي 2007ع تائين جي 15 ورهين ۾ جمهوريت جنهن نوعيت سان آندي ۽ پيش ڪئي وئي آهي، اُن جي Balance Sheet آهي.

جنرل مشرف جي فوجي راڄ سميت پاڪستان ۾ 1988ع کانپوءِ هيٺيون چونڊيل حڪومتون، ريموٽ ڪنٽرول تي هلندڙ ۽ يرغمال پارليامينٽون، هيسيل عدليه، ڪرپشن ۽ اصل اقتدار ۽ اختيار جي ڏؤ سان مڇي مواڙ ٿيل ڪامورا شاهي ۽ تيز، قابل، معامله فهم، رستو ڏيندڙ ۽ ”افهام تفهيم“ سان عمل ڪندڙ خاموش تماشائي ـ تِڏ جهڙي سول سوسائٽي ڏني وئي آهي. سياسي جماعتون اُهي جن جي نظر ۾ جمهوريت ان اليڪشن سان بحال ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو پاڻ چونڊجي اچن ۽ جنهن ڏينهن اليڪشن يا ائين ترميم جي نتيجي ۾ سندن حڪومت ختم ڪئي

وجي، ان ڏينهن ملڪ ۾ جمهوريت ختم ٿيو وڃي. موجوده صورتحال ۾ جيڪڏهن هڪ پارٽي ”ڊيل“ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ته اوهين ڏسندا ته جنرل مشرف جي موجودگيءَ ۾ ئي جمهوريت ”بحال“ ٿي ويندي.

جيتوڻيڪ ملڪي سياست ۽ سياسي نظام جي باري ۾ ذڪر هيٺ ايندڙ خبرون سنيون ته ڪونهن پر اهي اهو تجزيو ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون ته جمهوريت ڏانهن سفر ڪيترين ڪمزورين، رڪاوٽن، چئلينجن ۽ نون نون پريشرز کي منهن ڏيندو هن مرحلي تائين پهتو آهي.

اها ڳالهه صحيح آهي ته شهري آزادين ۽ حقن جو بچاءُ ڪرڻ ۽ امن امان قائم رکڻ ڪنهن به حڪومت جي بنيادي ذميواري هجي ٿي. 1988ع کان 1999ع تائين چونڊيل حڪومتن جي دؤر ۾ شهري آزادين ۽ مڙني انساني حقن جي پيڇڙي ٿيندي رهي ۽ چونڊيل حڪومتون نه رڳو سياسي آزادين جو تحفظ نه ڪري سگهيون، پر ڪن صورتن ۾ انهن پاڻ سياسي آزادين تي وار ڪيا (جيئن 1998ع ۾ هڪ چونڊيل حڪومت ايمرجنسي لاڳو ڪري بنيادي انساني حق معطل ڪري ڇڏيا) ان عرصي ۾ اسان چئن چونڊيل حڪومتن کي ختم به ٿيندي ڏٺو. انهن مان ڪنهن به حڪومت کي شهري آزادين ۽ حقن جو بچاءُ ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي ڪري نه هٽايو ويو پر ڪين هٽائڻ جا سبب امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي ۽ (مالياتي) ڪرپشن ٻڌايا ويا. اڄ جي دنيا ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪامي ڪنهن چونڊيل حڪومت جي خاتمي جو بنياد نٿي بڻجي سگهي. جيڪڏهن اِهو ڪو اُصول هجي ها ته دنيا ۾ ٻنهه ٿورڙيون حڪومتون خاتمي کان بچي سگهن ها. پري ڇو وڃون، اسان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ بدترين مذهبي منافرن ۽ بابري مسجد جي ڊهڻ (۽ سپريم ڪورٽ جي حڪمن کي لتاڙڻ) کي روڪڻ ۾ ناڪاميءَ تي به چونڊيل حڪومت کي ختم نه ڪيو ويو. سڄو گجرات فسادن ۾ سڙندو رهيو ڀارت جي سيڪيولرزم جو روح ۽ جمهوريت جو ضمير دنيا اڳيان سرنگون ۽ شرمسار ٿيا پر گجرات جي وزير اعليٰ موديءَ جي حڪومت کي ختم نه ڪيو ويو ڇو ته اُها چونڊيل حڪومت هئي.

ٻئي طرف 1971ع ۾ پاڪستان کي بنگال جي جنگ ۾ فيصلائتي شڪست ڏيندڙ ”فاتح بنگال“، ”شوڪتي“ ۽ ”درگا“ ۽ الائي ڇا ڇا..... اندرا گانڌي جڏهن جنگ کان چار ورهيه پوءِ ذاتي اقتدار کي درپيش چئلينج ختم ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ ”ايمرجنسي“ لاڳو ڪئي ته سڄي ڀارت سندس مخالفت ۾ تحريڪ هلائي ڪيس



استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو. ڇو جو ايمرجنسيءَ جي نفاذ شهري آزادين ۽ انساني حق سلب ڪيا هئا. هن ايندڙ اليڪشن ۾ به مڪمل شڪست کاڌي.

ڀارت پنهنجي سياسي نظام جي حقيقت ۽ پنهنجي روح ۾ به هڪ جمهوريت آهي. هڪ اهڙي جمهوريت جنهن ۾ طاقتور شهري، ادارا، آزاد ميڊيا ۽ ٻي جگريءَ سان فيصلا ڏيندڙ عدالتون موجود آهن. جيڪي پنهنجي ايمانداريءَ ۽ ضمير جو پاور استعمال ڪندي اقتدار ۽ اختيار جي غلط استعمال جو رستو روڪي ٿا ڇڏين. اندرا گانڌيءَ جي جماعت ڪانگريس ڀارت جي 60 ورهين جي تاريخ ۾ 45 سال حڪومت ڪئي آهي. ان جي پهرئين وزيراعظم جواهر لال نهرو 17 ورهين تائين حڪومت ڪئي، جيڪا عام رواجي معنيٰ ۾ ”حڪومت“ نه پر ”مسلسل ڪم“ جو نالو هئي. نهرو ثقافتي ۽ انتظامي سڌارا آندا ۽ فوج کي سويلين جي تابع بڻايو. هن اهڙو فول پروف سسٽم قائم ڪيو ته دفاعي پاليسي ۽ پلاننگ سياستدانن ۽ سِوِل ڪامورن جي هٿ ۾ هجي ۽ فوج رڳو عملدرآمد ۽ تعميلات واري دائري ۾ Strategy ۽ Tactics جا ڪم سنڀالي. هن هٿياربند فوجن جي گڏيل ڪمان ختم ڪئي. هن ڪمانڊر اِن چيف جو عهدو ختم ڪيو ته جيئن ٽنهي هٿياربند فوجن جا سربراهه دفاع واري وزارت ۾ موجود سِوِيلين سيڪريٽري کي ڊائر ڊائر رپورٽ ڪن، جنهن جي حيثيت جوائنٽ چيفس واري هئي. 1951ع ۾ انتظامي سڌارا آڻي ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويو ته مڙني سينيئر ترين فوجي آفيسرن جو رينڪ مرتبي، فائدن ۽ سينيارٽيءَ جي لحاظ کان جڄن، سيڪريٽرين ۽ وينڊي چيف منسٽرن کان هر صورت ۾ گهٽ هجي. فوج کي فقط ۽ فقط پروفيشنل بنائڻ ۽ سِوِيلين ليڊرشپ جي اطاعت گذار بڻائڻ لاءِ فوج جي مڙني يونٽن لاءِ اهو لازمي بڻايو ويو ته منجهن مڙني مذهبن، مڙني جاتيءَ وارن ۽ سماجي درجن ۽ مڙني رياستن جي ماڻهن جي شرڪت هجي، جيئن ڪو به يونٽ ڪنهن هڪ لساني، مذهبي يا ثقافتي گروهه جي هڪ هٽيءَ جي ور نه چڙهي وڃي.

ڀارت ۾ ٿيندڙ انتظامي ۽ سياسي سڌارا اُسرندڙ دنيا ۾ جمهوريت ۽ جمهوري طرزِ حڪمرانيءَ جو تجزيو ڪندڙن، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن لاءِ نهايت دلچسپ آهن. ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجي ڪتاب ”جيڪڏهن مون کي قتل ڪيو ويو“ ۾ لکيو آهي ته، ”ڀارت جهڙي وڻ وڻ ڪاني ملڪ کي ان جي مڇي مارڪيٽ جهڙي پُرشور جمهوريت سلامت رکيو ويٺي آهي. جي اِهو ملڪ جرنيلن کي حڪومت لاءِ ملي ها ته گهڻو اڳ ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪو هجي ها.“

ڀارت جي هڪ ارب آباديءَ جو 15 سيڪڙو "دَلِت" (Dalit) آهن. هنن ماڻهن ۾ گهٽ رُتبي واريون جاتيون، "نہ ڇهڻ لائق" ۽ "ناپاڪ" قرار ڏنل خلق، مٽيءَ هاڻا ماڻهو، تعصب ۽ امتياز جو نشانو بڻايل "ذلتن جا ماريل" مرد ۽ عورتون، ڳوٺن کان پرڀاهرو ڏڪي ڏار ڪيل ڪاڏوڙ آديواسي جن وجي ڀيلا وسايا ۽ چيتن ۽ شينهن جي رکواليءَ کي پنهنجو ڌرم بڻايو، شامل آهن. سواءِ بينڪي دؤر وارن آفريقي غلامن جي، دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو انساني گروهہ موجود ڪونهي، جنهن ايترو استحصال، جبر، استبداد، تعصب ۽ امتياز برداشت ڪيو هجي جيترو ڀارت جا دلت اڄ بہ برداشت ڪري رهيا آهن. ڀارت ۾ "دلت" هجڻ جو مطلب آهي "صاف سٿري ۽ اشراف سماج" کان ٻاهر رهي "گندي ناليءَ جي ڪيڙي جهڙي زندگي" گذارڻ. گڏيل قومن جي "نسل پرستيءَ خلاف عالمي ڪانگريس" "دلتن" جي حيثيت جي سوال کي سڄي دنيا لاءِ چئلينج قرار ڏنو آهي. ڀارت جي "جمهوريت طرزِ حڪمراني" جي "عوامي شراڪت" ۽ "سينيءَ کي گڏ وٺي هلڻ" واري خاصيت ڪيتري طاقتور آهي، ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سندن 15 سيڪڙو آباديءَ جي پيش نظر ڀارتي آئين 1950ع کان سمورين سرڪاري نوڪرين ۽ تعليمي ادارن ۾ داخلائن جو 15 سيڪڙو دلتن لاءِ ريزرو ڪيو. ان کان علاوه 7 سيڪڙو اصلوڪن آدي واسي ماڻهن لاءِ رکيو، جن جي آبادي 7 سيڪڙو آهي. اهڙي بندوبست کين بهتر سماجي موقعا ڏيارڻ ۾ مدد ڏني آهي. صدر عبدالڪلام کان اڳ ڀارت جو صدر ڪي آر نارائڻ هڪ دلت هو. سپريم ڪورٽ جو موجوده چيف جسٽس ڪي جي بالا ڪرشنن دلت آهي. ڀارت جي رياست اُتر پرديش، جنهن جي آبادي 17 ڪروڙ آهي، جي تازي اليڪشن ۾ بهوجن سماج پارٽي (BSP) فيصلائتي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.BSP رياست جي چيف منسٽر لاءِ مياواتيءَ کي نامزد ڪيو آهي، جيڪا دلت آهي. اُتر پرديش ۾ دلتن جي آبادي 21 سيڪڙو آهي. BSP روايتي پارٽين ڪانگريس ۽ ڀارتيا جنتا پارٽيءَ کي شڪست ڏني. انهن مان هڪ پارٽي رٿ ياترائون ڪيون، مذهبي منافرت کي هٿي ڏني ۽ اُتر پرديش ۾ موجود بابري مسجد کي ڊاٺو هو.

هي سڀ ڀارت جي جمهوري طرزِ حڪمرانيءَ جا معجزا آهن. هي سڀ مثال اِهو ٻُڌائين ٿا تہ جمهوريت نہ تہ ڪنهن آرڊيننس يا ڪنهن آئيني ترميم سان قائم ٿيندي آهي ۽ نہ ئي ڪنهن پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿيڻ ۽ اليڪشني شڪست سان ختم ٿيندي آهي. جمهوريت ان نظام جو نالو آهي، جنهن ۾ "سٺي طرزِ حڪمرانيءَ" جي ذڪر ڪيل خاصيتن مان وڌ ۾ وڌ خاصيتون موجود هجن. انهن



خاصيتن جي ڄاڻ رکندڙ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ جي خواهش ۽ صلاحيت رکندڙ حڪمران عوام جا چونڊيل بہ هجن. جمهوريت اهو نظام آهي جنهن ۾ عوامي شرڪت جا وڌ کان وڌ بندوبست هجن، عوام شريڪ ٿئي ۽ فيصلا ڪري انهن ٽيڪسن جا جيڪي ان کي ڏيڻا آهن، انهن شعبن ۽ ڪمن ڪارين جا جن تي ٽيڪس وسيلي گڏ ٿيل رقمون خرچ ٿيڻيون آهن ۽ انهن قانونن جا جن جي تحفظ هيٺ عوام کي زندگي گذارڻي آهي.

دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت، ڀارت جا مثال اسان کي ٻُڌائين ٿا تہ جمهوريت ان نظام جو نالو آهي جنهن جي اڇڻ سان انسانن جون اُهي ٽوليون جيڪي نڌڻڪيون، يتيم يا ڇوريون هجن سي لطيف جي لفظن ۾ "ڇُرڻ" سکن ٿيون، منجهن آئيڊيل جي تلاش، "پنهونءَ" جهڙي "پور" ۽ مقصد ماڻڻ جي طلب ۽ سُکن ڀري زندگيءَ جي تمنا آرس ڀڃي اُٿي پوي ٿي. هي اُهو نظام آهي، جيڪو "ڏکين" کي ڏِک (سيج تي) ويهاري ٿو ڇڏي. "ڏِک" جيڪا حقيقي معنيٰ ۾ عوامي اقتدارِ اعليٰ جو نالو آهي.

جمهوريت پنجن ورهين ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن وڏيري جي حُڪم، پير جي هدايت يا SHO جي نياپي تي گهلجي وڃي ووٽ وجهڻ جو نالو ناهي. جمهوريت پنهنجي زندگيءَ جو هر ڏينهن آزاد گذارڻ، آزادانہ فيصلا ڪرڻ ۽ آزادين کي سگهارو ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو نالو آهي. جمهوري نظام حڪومت دراصل انساني حقن ۽ شهري آزادين کي بچائڻ، برقرار رکڻ ۽ زور وٺرائڻ لاءِ ذميوار هجي ٿو. انهن مڙني حقن ۽ آزادين مان جن جو ذڪر انساني حقن جي عالمي منشور يا UDHR (Universal Declaration on Human Rights) ۾ ڪيو ويو آهي، جمهوري نظام سڀ کان پهرين سياسي حقن ۽ آزادين کي ترجيح ڏيئي ٿو جن ۾ راءِ جي اظهار، گڏ ٿيڻ، سياسي جماعت ٺاهڻ جا حق ۽ آزاديون شامل آهن.

انساني حقن جي عالمي منشور متعارف ٿيڻ کان ڏيڍ صدي اڳ 1787ع ۾ منظور ڪيل آمريڪي آئين ۾ 1791ع ۾ جيڪا پهرين ترميم ڪئي وئي، تنهن آمريڪا اندر اهڙي ڪنهن بہ قانون ٺاهڻ يا اڳ ئي موجود ڪنهن اهڙي قانون تي عملدرآمد کي "غير آئيني" ۽ "ممنوع" قرار ڏيئي ڇڏيو هو جيڪو اظهار جي آزادي ۽ پريس جي آزادي سلب ڪندو هجي. هن ترميم جي ئي تشريح سبب سڄي دنيا ۾ انتظاميا، عدليہ ۽ پارليامينٽ کان پوءِ پريس کي رياست جو چوٿون ٿنڀو قرار ڏنو ويو. جيڪو آزاد سماج جي اڏاوت لاءِ باقي ٽنهي جيترو ئي ضروري هو. اظهار جي آزاديءَ جو هي آمريڪي تصور بنا ڪنهن تبديليءَ جي بہ سئو

ورهين ڪانپوءِ تيار ٿيندڙ انساني حقن ۽ آزادين جي سمجهاڻيءَ جي جديد خاڪي جو حصو بڻيو. اظهار جي آزاديءَ جي تصور جي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ ”(معومات جي) بندشن کان آزاد سماج“ جو خاڪو تيار ڪيو ۽ ”اوپن سوسائٽيءَ“ جي تحريڪن زور ورتو. جن جو چوڻ هو ته ”ڳجهه ڳوهه“ ۾ حڪومتي معاملا هلائڻ جي نظام دراصل اِهو رواج اسان جي ”پابند ۽ بند سماج“ جي پوئيواريءَ ۾ وڌو آهي. جيڪو شين ۽ مسئلن کي دٻائي رکڻ کي انساني قدر سمجهي تحفظ ڏيو وينو هو. اهو سماج جيڪو مسئلن جي موجودگيءَ کان نظرون چورائڻ، انهن جي ذڪر کان زبان چورائڻ ۽ انهن کي چئلينج ڪرڻ کان لنوائڻ کي رواج بڻائي پنهنجي وجود ۾ وڌن تنازعن جون بلائون هرو ڀرو پاليو وينو هو: See no evil, hear no evil, speak no evil، مغرب ۾ ايترو ئي مروج انساني قدر هو جيترو مشرق ۾ ”برا نه ڪهو برا نه سُنو بُرا نهين ديکهو“ واري هدايت. ”اوپن سوسائٽيءَ“ جي تحريڪن ”بُري“ کي ڏٺو ان جو تجزيو ڪيو ۽ ”خراب کي خراب“ چوڻ جو رواج وڌو. پهريان ته ان معاملي کي سماج جي اخلاقي قدرن جو بحث مباحثو قرار ڏنو ويو پر جڏهن رياستي معاملن ۾ ”سني“ ۽ ”خراب“ جي تشريح تي ان وقت تائين موجود حڪومتي هڪ هٽيءَ کي چئلينج ڪيو ويو ته شهرين جي ان حق کي بتدريج مڃتا ملڻ لڳي ته اهي حڪومتن جي سمورن فيصلن، قدمن ۽ ويندي سوچن ۽ ترجيحن جو ڏينهن رات تجزيو ڪندي روزانو ”سني“ ۽ ”خراب“ جا فيصلا ٻڌائين. جنهن سان حڪومتي معاملن ۾ شهري سڌيءَ ريت شريڪ ٿيندا ۽ رياست شهرين جي ”مرضيءَ“ (Will) جي عڪاسي ڪندڙ فيصلا ڪري سگهندي.

”سُني طرزِ حڪمراني“ جي تصور ۾ چاڙايل خاصيتون ”عوامي شراڪت“ ۽ ”عوامي جواب طلبي يا پڇاڻي“ جو تعلق سڌيءَ ريت هن بحث سان آهي. عوام ”شريڪ“ هجي، عوام حڪمرانن کان ”جواب طلبي“ يا ”پڇاڻو“ ڪري، ان لاءِ عوام جو باخبر رهڻ ضروري آهي. شهري پوريءَ ريت باخبر تڏهن رهي سگهن ٿا جڏهن اُهي انهن مامرن کان به مڪمل ريت واقف هوندا جيڪي حڪمران ۽ سندن ڪامورا شاهي فائيلن ۾ دٻايو وينا هوندا آهن. ”اوپن سوسائٽي“ جي تحريڪن سرڪاري، غير سرڪاري ادارن ۽ وڏين ڪاروباري ڪمپنين جي ڪاروهنوار کي شفاف رکڻ جو مطالبو ڪيو ۽ ايئن انساني حقن ۽ طرزِ حڪمرانيءَ جي بحث ۾ ”شهرين جي معلومات تائين رسائيءَ جي حق“ ۽ حڪومت، حڪومتي، غير حڪومتي ۽ ڪاروباري ادارن پاران پاڻمرادو ”وڌ کان



وڌ معلومات ٻاهر ڪيڻ“ (Maximum Disclosure) جي ذميداري متعين ٿي وئي.

جمهوري طرزِ حڪمرانيءَ جا مقصد فقط تڏهن ئي حاصل ٿي سگهن ٿا، جڏهن عوام باخبر هجي ۽ معلومات عوام کي بنا ملاوٽ ۽ رڪاوٽ جي ملندي رهي. عام طور تي اُسرندڙ دنيا جي عوام کي معلومات تائين پهچ جو قانوني حق حاصل ناهي، تنهن ڪري عوام پنهنجي زندگيءَ تي اثرانداز ٿيندڙ فيصلن سان متعلق معلومات کان بي خبر هوندو آهي.

انساني حقن جي عالمي پڌرنامي UDHR ۽ شهري ۽ سياسي حقن جي بين الاقوامي عهد نامي International Covenant on Civil and Political Rights (ICCPR) جو آرٽيڪل 19 چوي ٿو ته راءِ جي اظهار جي آزاديءَ واري حق ۾ رڳو ”هر قسم جي خيالن ۽ معلومات ڏيڻ“ ئي نه پر ”سرحدن جي روڪ ٽوڪ بنا“ معلومات ”طلب ڪرڻ“ ۽ ”حاصل ڪرڻ“ جي آزادي به شامل آهي. آرٽيڪل 19 مطابق ان آزاديءَ جي استعمال جي نتيجي ۾ عوام معلومات جا ”پيدا ڪندڙ“ (Generators)، استعمال ڪندڙ (Users) ۽ فراهم ڪندڙ اوزار (Conduits) بڻجن ٿا. ICCPR جو آرٽيڪل 22 ”گڏ ٿيڻ جي آزاديءَ“ جو حق ڏئي ٿو جيڪو ان آرٽيڪل مطابق ”معلومات جي اجتماعي تجزئي ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي گڏيل جدوجهد ڏانهن وٺي وڃي ٿو.“

معلومات کي عوامي پهچ جوڳو بڻائڻ شفافيت جو سڀ کان بهتر مثال آهي، پر معلومات کي پهچ جوڳو بڻائڻ تيستائين ڪنهن به ڪم ڪونه ايندو جيستائين عوام کي اها خبر نه هوندي ته معلومات موجود آهي. جيڪا آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. پهچ جوڳي معلومات ان صورت ۾ به بيڪار آهي، جيڪڏهن ان کي حاصل ڪرڻ تي خرچ (وقت توڙي پئسي جي شڪل ۾) غير مناسب حد تائين گهڻو آهي ۽ حاصل ڪيل معلومات عام فهم نه هجڻ ڪري ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر آهي. معلومات تائين پهچ جو معاملو جيڪڏهن حڪومتي دائري کان ٻاهر هجي ته عام طور تي حڪومتن کي ڪابه پريشاني نٿي هجي پر جيڪڏهن ماڻهو ”سرڪاري معلومات“ تائين پهچڻ جو حق طلب ڪن ته اِها ڳالهه ”حساس نوعيت“ واري بڻجيو وڃي. جيتوڻيڪ ڪجهه ملڪن ۾ حساس معلومات کي هڪ خاص عرصو گذرڻ ڪانپوءِ پڌرو ڪرڻ جا رواج موجود رهيا آهن، پر اهڙي رواج ۽ معلومات تائين پنهنجي مرضيءَ ۽ ضرورتن مطابق پهچ جو حق هجڻ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.

”معلومات تي حق“ کي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ جي 1946ع ۾ ٿيندڙ پهرئين اجلاس ۾ پاس ٿيندڙ نهراءُ نمبر (1) 59 ۾ هيئن سمجهايو ويو آهي:

**”معلومات جي آزادي بنيادي انساني حق آهي ۽ انهن مڙني آزادين کي ماپڻ جو معيار جن جي حاصلات گڏيل قومن جي جدوجهد جو نصب العين آهي. آزاديءَ جو ڪو فائدو ئي ڪونهي جيڪڏهن ماڻهن کي معلومات تائين پهچ نه هجي. معلومات تائين پهچ جمهوري سماج جي پيڙهه آهي.“**

مٿيون مثال معلومات تي عوام جي حقن جي سڀ کان سٺي سمجهاڻي ڏئي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته معلومات تي حق ٻن معاملن ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو:

- (بندشن کان) آزاد ۽ جمهوري سماج جي اڏاوت
- بدعنوانيءَ جي رستي روڪ ۽ شفافيت

## (بندشن کان) آزاد ۽ جمهوري سماج جي اڏاوت:

شفاف طريقه ڪار ۽ معلومات جي ڏي وٺ بنا فيصلي سازيءَ جي عمل ۾ ڪنهن جمهوري شرڪت جو ڪوبه امڪان نٿو هجي. مسئلن کي ڪاري هيٺان لڪائيندڙ ۽ ٻڌجهه ٻوهه کان ڪم وٺندڙ حڪومت نڪمي ۽ نااهل هجي ٿي، چاڪاڻ جو معلومات جو آزاداڻو وهڪرو جاري رکڻ ڪانسواءِ نه ته مسئلن جي صحيح خبر پئجي سگهي ٿي ۽ نه ئي انهن کي حل ڪري سگهجي ٿو.

ايئن به آهي ته ”خفيه“ ڪارگذارين وارو ڪلچر شڪ شبها وڌائي ٿو ۽ افواهه سازيءَ جي فيڪٽرين ۽ سازشن وارين ٿيوريز کي هٿي ڏئي ٿو. اهڙي ڪلچر جي ڪري ماڻهو سموري سرڪاري معلومات کي شڪ جي نظر سان ڏسن ٿا. سرڪاري ريڊئي ۽ ٽي ويءَ کي ڪوڙ جو ڪارخانو سمجهڻ، سرڪاري پريس نوٽ کي ”ڍڪ رکڻ جي ڪارروائي“ سمجهڻ ته عام ڳالهه آهي پر نقصان اِهو ٿئي ٿو جو چڱن سرڪاري ڪمن تان به ماڻهن جو ويساهه کڄيو وڃي. عوام سرڪار جي نيتجن تي شڪ ڪرڻ لڳي ٿو ۽ سرڪار پاران شروع ڪيل چڱي ڪم جي ان وقت تائين مزاحمت ڪري ٿو جيسين وڃي اڻ ڏريا ماڻهو اِهو سمجهائين ته ڪم فائدي وارو آهي. حڪومتن جا سُٺا پروجيڪٽ به بهتر نتيجا چو نٿا ڏين، ان جي ڪجهه عام سببن مان هِن قسم جو ڪلچر به هڪ آهي، جيڪو پيدا به حڪمران پاڻ ئي ڪن ٿا.

اُسرندڙ ملڪن جا سماج گهڻو ڪري ”بند سماج“ آهن، جن ۾ معلومات ماڻهن جو ”ذاتي معاملو“ هجي ٿي. مثال طور ڪنهن نشرياتي اداري جو رپورٽر



جڏهن ”گهريلو تشدد“ جي ڪيسز جي خبرچار لهڻ لاءِ ماڻهن کان سوال ڪري ٿو ته ڪيس گهڻي مدد نٿي ملي. تشدد ڪندڙ ڪٽنب الٽو ڪائنس پڇي ٿو ته، ”تنهنجو ڇا وڃي؟“ تشدد ۽ گهريلو تشدد کي 1995ع ۾ بيجنگ ۾ ٿيندڙ عورتن جي انساني حقن جي عالمي ڪانفرنس فوجداري ڏوهه قرار ڏنو هو ۽ ميمبر رياستن ان کي روڪڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن وسيلن ۽ حالتن آڌار قدم کنيا هئا. عورتن تي گهريلو تشدد کان بچاءُ جو حق گڏيل قومن جي انساني حقن واري عالمي پڌرنامي ۾ تحفظ ڏنل ڪٽنب جي ”نجي زندگيءَ جي حق“ سان ٽڪراءُ ۾ اچي وڃي ٿو. اڪثر ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته گهر جي چئن ديوارن اندر جيڪڏهن گهريلو تشدد جهڙو ڪو ڏوهه ٿئي ته ان ۾ رياست توڙي ڪنهن ٻئي جو ڪجهه نه وڃي. اڪثر حالتن ۾ ان کي زال مڙس جي وچ ۾ تڪرار جو ذاتي ۽ نجي معاملو قرار ڏنو وڃي ٿو جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جو دلچسپي وٺڻ بداخلاقي سمجهيو وڃي ٿو. اسان جو سماج ان قسم جي ڪيترن معاملن تي ڍڪ رکيو وينو آهي ۽ انهن تي ڳالهائڻ يا انهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي حوصلي شڪني ڪري ٿو. ڪنهن پنهنجي آمدنيءَ جي محدود هجڻ باوجود ڪيئن مال ناهيو؟ ڪنهن سرڪاري وسيلن کي پنهنجي ذات لاءِ ڇو استعمال ڪيو؟ ڪنهن پنهنجين ڇوڪرين کي ته اسڪول نه موڪليو پر ڇوڪرن کي ”ولايتي“ تعليم ڇو ڏياري؟ ملڪيتن ۾ عورتن کي حصو ڇو نه ڏنو؟ ڌيئرن جون شاديون نه ڪرائي ڪائنن حق ڇو بخشرايا؟ بنگلي جي ديوار وڌائي فوٽ پاٿ ۽ عوامي روڊ تي والار ڇو ڪئي؟ جهڙا سوال اسان وٽ مڪمل ريت ”ذاتي“ نوعيت جا سوال سمجهيا وڃن ٿا. جيڪي پڇڻ سان نقص امن جو خطرو ٿي سگهي ٿو. ٻهراڙين ۾ ۽ خاص طور قبيلائي علائقن ۾ ڊاڪٽر جو ايمبولينس کي ذاتي ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ، ماستر جو اسڪول کي اوطاق ناهڻ، وڏيري جو اسڪول کي گودام يا ويندي وٿاڻ ٺاهي ڇڏڻ، سرڪاري فرنيچر گهر منتقل ڪرڻ، بجلي چوري ڪرڻ، واٽر ڪورس ٽوڙڻ، وچ روڊ تي ڪچرو اُڇلائڻ، غريبن جي عورتن ۽ ڇوڪرين کي ڇيڙڻ، ججن ۽ صوبيدارن کي انبن جون پيٽيون پيش ڪرڻ، فوجي آفيسرن ۽ عرب شهزادن کي ”نيشنل پارڪن“ اندر شڪار ڪرائڻ اهڙا ”ذاتي معاملا“ آهن، جن جي باري ۾ سوال ڪرڻ کان اڳ سِر تان آهو پلي ڇڏڻ گهرجي. اهي سڀ اسان جي ”بند سوسائٽيءَ“ جون ٿورڙيون ۽ ذڪر هيٺ آيل اوچيون ديوارون آهن. بند سوسائٽي اِها توقع ڪيئن ڪري ٿي ته ان کي ”اوپن“ حڪومت ملندي؟ اسان کي ملندڙ حڪومت وڏي حد تائين اسان جي ”بند معاشري“ جي بندشن جو نهايت ٻُرو عڪس آهي. اسان جو ”بند سماج“

توڙي اسان جي ”بند حڪومت“ پدرشاهيءَ جي نظام تي ٻڌل آهي، جن جو بنيادي اُصول ڏاڍ، جبر ۽ ماري مڃائڻ آهي.

اُسرندڙ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙا ڪيئي مثال آهن جيڪي ثابت ڪن ٿا ته معلومات تي حق سماجي ترقيءَ ۽ غريبيءَ جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. غريبي مٽائڻ يا گهٽائڻ جي سُٺن پروگرامن ڪي سماجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ مسئلن جي باري ۾ صحيح ۽ تُز معلومات ڏيڻ جي ضرورت پوي ٿي. غريبي گهٽائڻ جي ڏس ۾ تيار ڪيل حڪمت عملين تي ڪا بامعنيٰ گفتگو به فقط تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي جڏهن موضوع تي گهربل معلومات درست ۽ وسهڻ جوڳي هجي. معلومات ”غربت ۾ گذاريندڙ“ انسانن جي گروهن کي چاڻ جي ڏس ۾ شاهوڪار بڻائي سگهي ٿي ۽ اُهي گڏيل جدوجهد لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا. درست معلومات سان ليس ماڻهو جڏهن جائز حقن لاءِ جدوجهد ڪن ٿا ته عالمي ميڊيا ۽ انساني حقن توڙي سياسي حالتن جي نگراني ڪندڙ ادارا سندن موقف کي آسانيءَ سان قبول ڪن ٿا ۽ حڪومتن لاءِ سندن مخالفت ڪرڻ جا اخلاقي دليل گهٽجي وڃن ٿا. مظلوم عوامن جون اهڙيون تحريڪون سياسي نقشي تي جلد ئي نروار ٿي بيهن ٿيون.

## بدعنوانيءَ جي رستي روڪ ۽ شفافيت:

معلومات تي عوام جي حق جي ڏس ۾ جڙندڙ قانون بدعنوانيءَ ۽ ڪرپشن خلاف جنگ ۾ نهايت ڪارائتا ثابت ٿين ٿا. ڪرپشن نااهليءَ ۽ نالائقيءَ لاءِ رستو هموار ڪري ٿي ۽ ڪنهن به ملڪ جي ترقي ۽ اقتصادي اوسر جي صلاحيت جا ترا ڪڍيو ڇڏي. ڪرپشن توڙي جو مڙني سماجن ۾ موجود آهي پر اُسرندڙ ملڪن ۾ ان جو اثر انتهائي نقصانڪار آهي، جو انهن ملڪن ۾ وسيلن جي زيان جي گنجائش ختم ٿي چُڪي هوندي آهي. ڪرپشن سڌيءَ ريت ٿيندڙ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ کي پچائي ڪڍي ٿي ۽ بدعنوان لڏو عوامي سهولتن لاءِ ٿيندڙ اڏاوتن جهڙوڪ روڊن، اسڪولن ۽ اسپتالن لاءِ منظور ٿيندڙ بجيٽن جي رقم جا ٻئي مٿا ڪايو وڃي. ڪرپشن سرڪاري ادارن لاءِ اڏوهي ثابت ٿئي ٿي، جو عوام جو انهن ادارن جي ڪاروهنوار تان ويساهه کڄيو وڃي. جيڪڏهن صحيح نموني ان جي رستي روڪ نه ڪئي وڃي ته ڪرپشن سماج ۽ سياسي نظام کي اندرو اندر کوکلو ڪري سماجي بي چيني پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. غريبي ته پنهنجي جاءِ تي پر ڪرپشن امير کي امير تر ۽ غريب کي غريب تر بڻائي خوفناڪ قسم جي اڻ برابري (Inequality) پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ڪرپشن وسيلي



سموريون خوشيون امير آسانيءَ سان خريد ڪريو وٺن، ڇاڪاڻ جو انهن وٽ غير قانوني طريقي سان هٿ ڪيل دولت اڇي ديرو ڪندي آهي، جيڪا هنن غريب ڏانهن ويندڙ بجيٽن ۽ فنڊز جو ڪانٽو مٽائي پاڻ ڏانهن ان جو رُخ ڪري حاصل ڪئي هوندي آهي. اڄ پاڪستان انهن ٿورن ملڪن مان هڪ آهي جن ۾ Porsche ۽ Rolls Royce ڪارن جا ڪارخانا لڳي رهيا آهن، جيڪي فقط ڪرپٽ لڏو خريد ڪري رهيو آهي. Armani ۽ Gucci جون مصنوعات ۽ الائي ڇا ڇا هتي استعمال ۾ آهي. هي ملڪ غريبن لاءِ غريب تر ۽ اميرن لاءِ امير تر بڻجي ويو آهي. ڪرپشن جي انڊيڪس رکندڙ عالمي تنظيم موجب اڄ پاڪستان 1999ع کان تمام گهڻو ڪرپٽ آهي، جڏهن فوجي حڪومت ڪرپشن جي خاتمي لاءِ مسيحا بڻجي وارد ٿي هئي- پاڪستان جي تجربي ثابت ڪيو آهي ته ڪرپٽ سماج ۽ رياست جو بار غريب کي ڪُٽڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن سرڪاري ادارن جون انتظاميائون پنهنجا ڪاتا عوام اڳيان کولين جن ۾ (پاڪستان اسٽيل ملز جي وڪري جي طرز جا) ڪاروباري معاهدا ۽ انهن جا شرط شروط به شامل هجن، جيڪڏهن ڪاروباري ادارن کي پنهنجي ڪارگذاري درست ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هجي، مثلاً بئنڪن کي چيو وڃي ته اُهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي حڪم ۽ عالمي معيار مطابق پنهنجن ڪاتيدارن کي ناڻي واڌ جيترو منافعو ڏين (جيڪو اُهي ڪونه پيون ڏين) يا ڪريڊٽ ڪارڊز تحت استعمال ٿيندڙ رقمن تي به اوترو وياج وصول ڪن جيترو اُهي پنهنجن ڪاتيدارن کي منافعو ڏين ٿيون ته پاڪستان ۾ به وڏا ڪاروباري شعبا فضيلت ۾ اچي سگهن ٿا. پاڪستاني بئنڪون روزانو ۽ مسلسل قومي سطح تي سرڪاري سرپرستيءَ سان لڳندڙ ڏاڙو آهن. بئنڪنگ سيڪٽر اسٽيٽ بئنڪ توڙي سرڪار جي مڙني عرضداشتن کي آڱوٺو ڏيکاريو آهي، جن ۾ اخلاق، عالمي معيار ۽ ملڪي قانونن تي هلڻ لاءِ چيو ويو هو. جيڪڏهن هتي اسين فوجي ادارن جي ڪاروباري ٺنگ پکيڙ ۽ اختيارن جي غلط استعمال ۽ عوامي اقتدار تي ڏاڙي (جيڪا سڀ کان وڏي ڪرپشن آهي) سميت سموري ڪهاڻي لکڻ ويهون ته ڪتاب ڪارا ٿي ويندا.

چوڻ جو مطلب اِهو آهي ته جيڪڏهن درست معلومات شهرين کي پهچندي هجي ته سندن منظم گروهه ڪرپشن کي جيڪڏهن پاڙ ختم نه به ڪري سگهن تڏهن به ان جو پردو چاڪ ڪري ڪرپٽ ڪردارن کي دنيا آڏو بِڇڙو ضرور ڪري سگهن ٿا. معلومات جي آزاديءَ لاءِ تحريڪون هلائيندڙن جو پسنديده محاورو آهي: ”سج جي تپش ڪيئن انفيڪشن ختم ڪريو ڇڏي“. معلومات جي آزادي

اها روشني آهي، جنهن ۾ سڀ ڪجهه صاف نظر اچي ٿو ۽ جنهن جي تپش ۾ جراثيم ختم ٿيو وڃن.

معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪرڻ سڄي دنيا ۾ هڪ وڌندڙ رواج آهي. سال 2005ع تائين دنيا جي 50 ملڪن شهرين کي سرڪاري ريڪارڊ تائين پهچ ڏيڻ کي بطور حق تسليم ڪيو ۽ ان ڏس ۾ سهوليت ڏيڻ لاءِ قانون تيار ڪيا ويا. انهن مان 30 ملڪ اهڙا آهن جتي پاڻمرادو حڪومتي ريڪارڊ پڌرو ڪرڻ جا قانون به لاڳو ٿيا آهن. پاڪستان به انهن ۾ شامل آهي.

توڻي معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪندڙ قانون 1776ع کان وٺي نافذ رهيا آهن، جڏهن سڀ کان پهرين سوئيڊن پنهنجو فريڊم آف پريس ايڪٽ پاس ڪيو هو پر گذريل ڏهن ورهين ۾ سڄي دنيا ۾ اهڙي قانون سازيءَ ۾ ريڪارڊ تيزي آئي آهي، جنهن جا ڪجهه سبب هيٺين ريت آهن:

(i) **آمريتن جي خاتمي سان نيون جمهوريتون وجود ۾ اچڻ:** 1980ع جي ڏهاڪي ۾ اوير يورپ ۽ ٻين علائقن ۾ قائم آمريتن جي جاءِ تي جمهوري رياستون قائم ٿيون ته سندن نون آئينن معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪيو. آئيني ضمانتون ملڻ کان پوءِ نوان قانون به ناهيا ويا.

(ii) **ٻين الاقوامي مالياتي ادارن جو دٻاءُ:** ٻين الاقوامي ادارن جهڙوڪ ڪائونسل آف يورپ (COE)، آرگنائيزيشن آف اميريڪن اسٽيٽس (OAS) معلومات جي آزاديءَ کي هٿي وٺائڻ لاءِ رهنماءُ اُصول وضع ڪيا ۽ مثالي قانون جا مسودا پيش ڪيا. عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ ۽ انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ ۽ ٻيا عالمي ادارا ڪرپشن گهٽائڻ ۽ حڪومتي ڪاروهنوار ۾ شفافيت آڻڻ لاءِ حڪومتن تي زور پري رهيا آهن ته اُهي معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪندڙ قانون متعارف ڪرائين.

(iii) **سِولِ سوسائٽيءَ جي تنظيمن ۽ ميڊيا جو مطالبو:** ميڊيا ۽ سِولِ سوسائٽيءَ جي قومي توڻي ٻين الاقوامي ادارن پاران مسلسل مطالبو ٿيندو رهيو آهي ته شهرين کي ان معلومات تائين پهچ فراهم ڪئي وڃي جيڪا حڪومتون دٻايو وينيون آهن.

پاڪستان ۾ اهڙي قانون سازيءَ لاءِ ميڊيا ۽ سِولِ سوسائٽي چڱي خاصي وقت کان مطالبو ڪري رهيون هيون پر حڪومتن اهڙي مطالبي کي ڪا به اهميت ڪانه ٿي ڏني. سال 2001ع ۾ ايشيائي ترقياتي بئنڪ حڪومت کي 130 ملين ڊالرن جو قرض ڏيڻ وقت اِهو شرط رکيو ته ملڪ ۾ پيلي ڪٽي معلومات تي شهرين جو حق



تسليم ڪندڙ قانون موجود نه به هجي پر حڪومت هن معاهدي سان متعلق سمورا مالياتي معاملا عوامي معلومات لاءِ پاڻمرادو پڌرا ڪندي. هن فرمائش بعد ڪامورا شاهيءَ ڏٺو ته جلد ئي ٻيا ادارا به اهڙي فرمائش ڪندا، تنهن ڪري انهن 2002ع ۾ معلومات جي آزاديءَ جو قانون لاڳو ڪيو.

**معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪندڙ قانون سازي:**

معلومات تي شهرين جي حق جي ضمانت ڏيڻ لاءِ قانوني بندوبست ٻن قسمن جا ٿي سگهن ٿا. پهريون اِهو ته ملڪي آئين معلومات تي شهرين جي حق کي بنيادي حق تسليم ڪندي ان ڏس ۾ انتظامي بندوبست رکڻ جي ضمانت ڏئي. هن صورتحال ۾ معلومات تي شهرين جو حق سندن ”آئيني حق“ بڻجي وڃي ٿو. آئيني حق اهڙن ملڪن ۾ نهايت اثرائتي نموني استعمال ٿيندا آهن جتي عدالتي ۽ قانوني نظام آئيني حقن جي فراهميءَ کي يقيني بڻائين ۽ ان جي خلاف ورزيءَ جي رستي روڪ ڪري رهيا هجن. اهڙي نظام جي غير موجودگيءَ ۾ آئيني حق بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿا. پاڪستان جو آئين معلومات تي شهرين جو حق تسليم نٿو ڪري. ساڳيءَ ريت ٻيا به ڪيترائي حق هن آئين ۾ تسليم نه ڪيا ويا آهن، مثال طور (پورهيتن جو) ڪم ڪرڻ جو حق وغيره.

مٿي ڄاڻايل سببن جي ڪري عام طور سمجهيو وڃي ٿو ته معلومات تي شهرين جي حق جي ضمانت ڏيڻ لاءِ سڀ کان اثرائتو طريقو ان ڏس ۾ خاص قانون پاس ڪرڻ ئي آهي. اهڙي قانون کي جيڪو شهرين کي سرڪاري معلومات هٿ ڪرڻ جي اجازت ڏيندو هجي، Proces Right سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ هيٺيان عنصر شامل هوندا آهن:

- هن قانون جي پس منظر ۾ اِهو مفروضو قانون جي بنياد طور موجود هوندو آهي ته وڌ کان وڌ معلومات پڌري ٿيڻي آهي. يعني هي قانون اها ڳالهه فرض ڪري وٺي ٿو ته ”سرڪاري ادارن وٽ موجود يا دٻايل سموري معلومات پڌري ڪرڻ جوڳي آهي.“
- اهڙو قانون معلومات پڌري ڪرڻ جي ڏس ۾ جيڪڏهن ڪي استثنيٰ (Exceptions) رکڻ تي مجبور ٿئي به ته اهي تمام ٿورڙيون ۽ محدود پئماني تي هجن، ٻي ڳالهه ته اُهي قانون اندر واضح نموني بيان ڪيل هجن. يعني انهن جو ذڪر مبهم يا هڪ کان وڌيڪ معنائون ڏيندڙ نه هجي.

- معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ ڪنهن شهريءَ پاران ڪيل درخواست کي سرڪاري ادارن پاران رد ڪرڻ جي صورت ۾ اهڙو قانون شهريءَ کي اپيل ڪرڻ لاءِ اثرائتو بندوبست فراهم ڪندو هجي.

## وڌ کان وڌ معلومات پڌري ڪرڻ جا اُصول:

هي اُصول ان مفروضي تي ٻڌل آهي ته اهڙي ڪا معلومات وجود ئي نٿي رکي جيڪا شهرين کي فراهم ڪرڻ جوڳي نه هجي. هن اُصول ۾ هيٺيون شيون به فرض ڪري ورتيون ويندیون آهن ته:

- سرڪاري ادارن جو اهو فرض آهي ته اُهي شهريءَ پاران درخواست ملڻ تي معلومات جاري ڪن.
- معلومات تائين رسائيءَ جو حق ٻين انساني حقن جيان ڪوبه شهري استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ رياستي ادارا اُن حق جي فراهمي ۽ بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪيس سهوليت ڏيڻ لاءِ ذميوار آهن.
- اهو رياست جو ڪم ناهي ته اُها معلومات طلبيندڙ فرد کي معلومات جي ضرورت يا ان فرد جي معلومات ۾ دلچسپيءَ جو سبب بيان ڪرڻ لاءِ چوي. جيڪڏهن ڪو سرڪاري ادارو ڪا خاص سرڪاري معلومات جاري نه ڪرڻ چاهي ته اِها ان اداري جي ذميواري آهي ته پنهنجي اهڙي معذوريءَ جو سبب بيان ڪري ۽ ثابت ڪري ته اهڙو سبب حقي واجبي آهي، نڪي هُو شهريءَ کي چوي ته اهو معلومات ۾ دلچسپي يا ضرورت جو سبب بيان ڪري، جنهن جي اطمينان جوڳي هجڻ يا نه هجڻ کي معلومات جاري ڪرڻ يا نه ڪرڻ لاءِ بنياد بڻايو وڃي.
- سرڪاري ادارا نه رڳو شهرين جي درخواست تي سرڪاري معلومات فراهم ۽ جاري ڪندا پر اُهي ”عوامي مفاد“ واري معلومات (جهڙوڪ بجيٽ ۽ ڪمن ڪارين تي ٿيندڙ خرچ وغيره) وقتاً فوقتاً پاڻمرادو به پڌري ڪندا رهندا.

مٿين مفروضن جو اهو مطلب ناهي ته معلومات تي شهرين جو حق ڪو لامحدود حق آهي. ٻين حقن ۽ آزادين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ يا وسيع تر عوامي مفاد جي تحفظ لاءِ ان کي متوازن بڻائڻو پوي ٿو. متوازن بڻائڻ لاءِ استثنيٰ يا (Exceptions) هجن ٿيون، جيڪي قانون ۾ غير مبهم طريقي سان بيان ڪيل هجن ٿيون. قانون ۾ انهن استثنائن جي لسٽ ڄاڻايل هجڻ کپي.پر هنن استثنائن کي معلومات جي فراهمي روڪڻ لاءِ عام جام ۽ بي دريغ استعمال ڪرڻ غلط هوندو. معلومات روڪڻ جا انتهائي اڻ ٽر حالتن ۾ هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا:



- معلومات جي فراهمي ڪنهن قانون جي نفاذ يا ڪنهن ڏُڏٽيءَ هيٺ فوجداري ڪيس تي ناڪاري اثر ڇڏيندي هجي؛
- ذاتي زندگي (Privacy) جي پيچڪڙي ڪندي هجي؛
- قومي سلامتيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪندي هجي؛
- ڪاروباري يا اهڙي ڪنهن ٻي نوعيت جي اڻ ٽر ڳجهه ڳوهه (Confidentiality) تي خراب اثر پوڻ جو خطرو هجي؛
- عوامي تحفظ يا ڪنهن فرد جي زندگيءَ جي تحفظ لاءِ خطرو بڻجندي هجي؛ ۽
- حڪومت جي فيصلي سازيءَ جي عمل کي سڌيءَ ريت ڪو نقصان ڏيندي هجي.

اُصول اهو آهي ته قانون جي مسودي اندر اهڙا استثنيٰ ڄاڻائڻ وقت لفظن جو استعمال اهڙي نموني ڪبو آهي جيئن سرڪاري ڪامورا معلومات جاري ڪرڻ بدران روڪڻ جو رواج نه شروع ڪري ڏين يا انهن استثنائن کي ذاتي فائدي يا ڪنهن ٻئي مفاد تحت معلومات جي رستي روڪ لاءِ لائسنس طور نه استعمال ڪن. استثنائن لاءِ اهو به ضروري آهي ته ڪنهن معلومات يا دستاويز جي نوعيت بدران ان جي مواد تي لاڳو ٿين. معلومات جي فراهميءَ تي روڪ رڪاوٽون هميشه لاءِ نه هجن بلڪه محدود مدي لاءِ هجڻ کپن. مثال طور قومي سلامتيءَ جي عذر هيٺ روڪي رکيل معلومات قومي سلامتيءَ کي درپيش ڪنهن خاص خطري جي ٽري وڃڻ ڪانپوءِ بنا دير جي جاري ڪري ڇڏڻ گهرجن. ان کي هميشه لاءِ معلومات دٻائي رکڻ جو بهانو نٿو بڻائي سگهجي. قانون ۾ معلومات روڪڻ جي اهڙن استثنائن جو پارليامينٽ کي وقت بوقت جائزو وٺندو رهڻ گهرجي ۽ غير ضروري استثنا وقت سان گڏ ختم ڪري ڇڏڻ کپن. معلومات تي شهرين جي حق جو قانون پروسيجر به بيان ڪري جيئن مونجهارا نه ٿين. مثال طور معلومات روڪڻ جا استثنيٰ جتي به استعمال ٿين ته اهي هيٺ ڄاڻايل فريم ورڪ اندر هجن:

- جتي به ڪا معلومات روڪي وڃي ته اها معلومات تي شهرين جي حق واري قانون ۾ ڄاڻايل ڪنهن نه ڪنهن مخصوص استثنيٰ جي ڪيٽيگريءَ ۾ شامل ٿيندي هجي. اهڙي ڪنهن به ڪيٽيگريءَ تحت جيڪا قانون ۾ ڄاڻايل استثنائن ۾ شامل نه هجي، معلومات جو روڪڻ قانون جي پيچڪڙي شمار ٿيڻ گهرجي.

- معلومات جي پڌري ٿيڻ سان جنهن خطري پيدا ٿيڻ جو ڊپ هجي، اُهو حقيقي هجڻ کپي ۽ ان جا مڃڻ جوڳا جواز هجن. خطرو فقط هوائي توائي ڳالهہ نہ هجي.
- جيڪڏهن ڪنهن معلومات جو جاري ٿيڻ ڪن عوامي مفادن لاءِ خطرو قرار ڏنو وڃي تہ معلومات فقط تڏهن روڪي وڃي جڏهن اِهو ثابت ٿئي تہ معلومات جاري ڪرڻ سان عوامي مفاد کي ٿي سگهندڙ امڪاني خطرو معلومات پڌري ڪرڻ سان عوامي مفاد کي امڪاني طور پهچي سگهندڙ فائدي کان تمام گهڻو وڏيڪ آهي.

ڪجهہ قانون ڪن سرڪاري ادارن مثال طور سلامتيءَ جي ادارن ۽ ايجنسين کي مستثنيٰ قرار ڏين ٿا، پر اِها ڳالهہ سمجهڻ جي آهي تہ معلومات جاري ڪرڻ جو استثنيٰ تہ ٿي سگهي ٿو، ڪنهن سيڪيورٽي ايجنسيءَ کي معلومات تي شهرين جي حق جي دائري کان ئي ٻاهر نٿو رکي سگهجي. بهتر قانون اُهو آهي جنهن ۾ ڪوبہ سرڪاري ادارو معلومات تي شهرين جي حق واري قانون جي تعميل کان آجو نہ هجي، پوءِ ڀلي کڻي ڪنهن اداري جا اڪثر ڪم ڪار استثنائن جي دائري ۾ ايندڙ ئي ڇو نہ هجن. هڪ بهتر قانون رياست جي مڙني شعبن (انتظاميہ، پارليامينٽ ۽ عدليہ) تي لاڳو ٿيندڙ هجڻ کپي ۽ انهن شعبن جي سينني برانچن ۽ سندن فريضن (سلامتي ۽ قومي دفاع وغيره) تي بہ نافذ ٿئي. معلومات روڪڻ رواج نہ هجي پر مڃڻ جوڳن سببن آڌار ڪيس ٽو ڪيس بنياد تي ڪا معلومات روڪي سگهبي هجي.

بهتر قانون معلومات جي حاصلات تي ٿيندڙ خرچ ايترو رکي جيترو عام شهري خاص طور غريب طبقا ڀري بہ سگهن، ۽ معلومات اهڙي هجي جيڪا هنن لاءِ استعمال جوڳي بہ هجي ۽ سمجهہ ۾ بہ ايندڙ هجي. قانون ۾ اهو بہ ڄاڻايل هجي تہ معلومات جي فراهميءَ لاءِ شهريءَ جي درخواست منظور ٿيڻ کان وڌ ۾ وڌ ڪيتري مدي اندر اها معلومات شهري کي فراهم ڪئي ويندي.

معلومات تي شهرين جي حق جو ڪو بهتر قانون سموري معلومات کي عوامي ملڪيت قرار ڏيئي طرزِ حڪمرانيءَ کي شفاف ۽ جمهوري بڻائي ٿو، سماج ۾ ثقافتي تبديليءَ جا بنياد وجهي ٿو ۽ سِوِل سوسائٽيءَ کي مضبوط بڻائي ٿو. هي قانون غريبن کي باخبر ۽ بااختيار بڻائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ۽ سندن جمهوري جدوجهد ۾ آسانيون پيدا ڪري ٿو.



پاڪستان جو فريڊم آف انفرميشن آرڊيننس 2002ع سمورن سرڪاري ڪاتن جي ريڪارڊ کي ”عوامي ريڪارڊ“ قرار ڏئي ٿو ۽ جيڪي ڪاتا اڄ تائين مناسب نموني پنهنجين ڪارگذارين جو ريڪارڊ نہ رکندا آيا آهن تن کي تفصيلي ريڪارڊ رکڻ جي هدايت ڪري ٿو. جن دستاويزن کي هي قانون ”عوامي ريڪارڊ“ قرار ڏيندي پڌري ڪرڻ ۽ فراهم ڪرڻ جوڳو قرار ڏئي ٿو تن ۾ پاليسيون، گائيڊلائينز يا رهنما اُصول، ملڪيتن ۽ اثاثن جي حاصلات يا ڏي وٺ جا دستاويز، سرڪاري ادارن جا پنهنجي ڪاروهنوار تي ڪيل خرچن جا تفصيل، لائسنس، الاٽمينٽن ۽ ٻين رعايتن، فائدن، معاهدن، ٺيڪن ۽ پرمٽن وغيره جي منظوريءَ سان لاڳاپيل معلومات، فائنل آرڊرز ۽ فيصلا ۽ اهڙا ٻيا ڪي بہ ڪاغذ پٽ جن کي وفاقي حڪومت هن آرڊيننس جي مقصدن لاءِ عوامي ريڪارڊ قرار ڏئي، شامل آهن.

هي قانون جنهن معلومات کي شهريءَ جي پهچ جي دائري کان ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏي، تنهن ۾ فائيلن تي درج ٿيندڙ نوٽس ۽ ٻي لک پڙهہ، اجلاسن جي ڪاررواين جا احوال (Minutes)، محڪماتي رايا ۽ سفارشون، بئنڪن ۽ مالياتي ادارن ۽ سندن کاتيدارن سان لاڳاپيل ريڪارڊ، دفاعي فورسز سان لاڳاپيل ريڪارڊ، دفاعي تنصيبات جي معلومات يا دفاع ۽ قومي سلامتيءَ جي يا ان سان لاڳاپيل ريڪارڊ بابت معلومات، ”خفيہ“ قرار ڏنل معلومات ۽ فردن جي ذاتي زندگي (Privacy) سان لاڳاپيل معلومات شامل آهي.

ساڳيءَ ريت قانون ۾ ڄاڻايل آهي تہ، ”اهڙا غير سرڪاري دستاويز جيڪي حڪومت کي باضابطي يا غير رسمي طور اظهاريل اهڙي ڪنهن شرط تي ڏنا ويا هجن تہ اُها اُنهن دستاويزن کي عوامي مفاد جي پيش نظر معلومات واري قانون جي دائره عمل کان پرڀاهرو رکندي، سي بہ شهرين آڏو پڌرا نہ ڪيا ويندا.“

هن قانون ۾ سڀ کان ڀريون قانوني سقم اهو آهي تہ معلومات کي ڳجهو رکڻ جي ڏس ۾ اڳ ئي موجود آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ تي حاوي نٿو پوي، نتيجي ۾ اهو هڪ بي اثر قانون آهي. هن قانون کي نہ رڳو آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ تي حاوي پوڻ گهرجي، بلڪ ان کي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي جو جيستائين اُهو ايڪٽ موجود آهي پاڪستان ۾ معلومات تي شهرين جو حق فقط افسانو ئي رهندو. آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ اهڙو ڪارو قانون آهي جنهن کي استعمال ڪندي ڪوبہ سرڪاري ڪارندو ڪنهن بہ سرڪاري معلومات کي ”خفيہ“ قرار ڏيئي شهرين جي پهچ کان پري ڪري سگهي ٿو.

اجلاسن جي ڪارروائيءَ کي اِستثنيٰ ۾ شامل ڪرڻ هن قانون جي ٻي وڏي خامي آهي. شهرين کي نه رڳو آخرين فيصلن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جو حق هئڻ گهرجي پر ڪين اجلاسن جي ڪارروائي به ملڻ گهرجي جيئن اهي ان ڳالهه جو تعين ڪري سگهن ته اجلاس ۾ ڪنهن خاص فيصلي تي پهچڻ کان اڳ ڪهڙي نوعيت جا دليل پيش ڪيا وڃن.

هن قانون ۾ سڀ کان نقصان ڏيندڙ ڳالهه اِها آهي ته اُهو سرڪاري ڪارندن کي بااختيار بڻائي ٿو ته اُهي جيڪا به معلومات چاهين، ”خفيه“ قرار ڏيئي ”استثنيٰ“ جو فائدو وٺندي دٻائي ڇڏين. هن قانون جي اُن پهلوءَ جي ڪري اخباري تنظيمون آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي، ڪائونسل فار پاڪستان نيوز پيپرز ايڊيٽرز، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس، انساني حقن جي ڪميشن، شين جي واهپي ڪندڙن (Consumery) جر ڪميشن ۽ ٻيا ڪيترائي ادارا هن قانون کي ناڪافي ۽ بي فائدي قرار ڏيئي رد ڪري چڪا آهن.

شهرين جي معلومات تي حق جو هي قانون فقط وفاقي حڪومت ۽ ان جي ادارن کي دائري ۾ آڻي ٿو جڏهن ته صوبائي ۽ ضلعي حڪومتون ان کان ٻاهر آهن. ضلعي حڪومتن کي البته لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس اندر هڪ فقرو شامل ڪري شهرين کي معلومات ڏيڻ لاءِ پابند بڻايو ويو آهي پر هي قانون بهرحال ان سان ڪا جڙت ڪونه ٿو رکي.

امرتيا سين پنهنجي ڪتاب ”غريبي ۽ ڏڪار“ (Poverty and Famine) (OVP_1981) ۾ لکيو آهي ته، ”دنيا ۾ اهڙي ڪنهن به ملڪ ۾ ڪڏهن ڏڪار نه آيو آهي جتي پريس آزاد هجي.“ جنهن ملڪ ۾ معلومات پابند نه هوندي ۽ پريس ۽ شهري معلومات آزاديءَ سان هٿ ڪري سگهندا، اُتي اهڙين غلط پاليسين کي عوامي راءِ پاڙهي روڪيندي، جيڪي ڪنهن ملڪ ۾ هٿرادو (ماڻهوءَ جو پيدا ڪيل) ڏڪار پيدا ٿيڻ جو سبب بڻجي سگهن ٿيون. ياد رهي ته امرتياسين جو غريبيءَ جي سببن ۽ ان جي خاتمي جي حڪمت عملين تي ڪيل ڪم ڏڪار کي قدرتي آفت بدران اڄ جي دؤر ۾ حڪومتن جي غلط پاليسين جو نتيجو قرار ڏئي ٿو. ساڳيءَ ريت غريب انهن پاليسين جو شڪار ٿيل يا ستم رسيده ٿيل فرد Victim آهي. امرتياسين جي هن دليل کي اڳتي وڌائيندي چئي سگهجي ٿو ته جتي معلومات جي فراهميءَ جو حق هجي ۽ پريس آزاد هجي، اُتي جمهوريت وڌيڪ سگهه وٺي ٿي. پاڪستان ۾ نه اهو حق آزاد آهي ۽ نه ئي پريس، ته پوءِ



حڪمران هتي جمهوري طرز حڪومت جي موجودگيءَ جو افسانو ڪيستائين ٻُڌائيندا رهندا؟

پاڪستان ۾ معلومات تي شهرين جو حق تسليم ڪري صحيح معنيٰ ۾ ڪين معلومات تائين پهچ جي قابل بڻائڻ لاءِ يا ته موجوده قانون ۾ ترميمون ڪيون وڃن يا پوءِ هن قانون کي ختم ڪري پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر پاران جمع ڪرايل متبادل بل کي قانون طور منظور ڪيو وڃي، جيڪو ڪافي مناسب قانون ٿي سگهي ٿو.

32